# حسرتون رهجي ويون

(شاعري)

—سيف مگسي

ڪمپوزنگ: وفا گل محمد جمالي، شهدادڪوٽ
gm_jamali4u@yahoo.com 03337504137

وائيس آف سنڌ اي بڪ پبلشر
www.voiceofsindh.net | voiceofsindh12@yahoo.com
Contact: 0332-3895458

# ارپنا

❊ مونکان معصوميت ۾ ئي وڇڙي ويل

بابا سائينءَ محمد ملوڪ جي نالي......

❊ ۽ پياري امان...جنهن جي دعائن سهاري

جيئان پيو.

جاڪوڙي، هارين، نارين نالي جيڪي سخت گرمي

۾ به بدن ڪي ميڻ بتي رجائي، ۽ سياري ۾

"ڪي "Blood Circulation رَتُ جي دوري

ڇمائيندڙ سردي ۾ جان جي پرواهه نه ڪندي،

زمين جو سينو چيري ان مان مختلف اناج اپائي،

ميرن، پيرن، وڏيرن،پوتارن جا پيٽ پرن پيا .

## ❊ وڇڙي ويل "ساٿي" نالي

جنهنجو وڇوڙو به گهٽو ڪجهه ڏئي ويو

# تعارف

## سيف ، سچائي جو شاعر

سيف منهنجو ڪلاس فيلو رهيو آهي، ان ڪري مان ڪيس ذاتي طور به سڃاڻان، سيف منهنجو ادب فيلو به آهي ان ڪري مان ڪيس تخليقي طور به سڃاڻان، سيف منهنجو هم عمر آهي ان ڪري مان سندس جذبن ۽ ڪيفيتن کان به واقف آهيان پر......سيف شاعر آهي ۽ مان شاعري کان اڻ واقف آهيان ! غزل گيت ڇا آهي!؟ وائي ڪافي ڪيئن سرجي ويندي آهي!؟ نظم هائيڪو ڇا کي ٿو چئجي!؟ ان شين جو فن آرٽ منهنجي سوچ سمجهه کان مٿي آهي. مان پار آهيان ۽ شاعري آسمان! ان آسمان ڏانهن ڏسان ٿو، مون کي چمڪندڙ ستارن ۾ سيف به نظر اچي ٿو ۽ سيف سان گڏ ٻيا سنگتي به.....ان ڪري مون کي شاعري مان پنهنجائپ جي خوشبوءِ ايندي آهي!

***20-07-1976*** تي ڳوٺ مانجهي خان مگسي دوست علي روڊ نزد شهدادڪوٽ ۾ جنم وٺندڙ سيف مگسي جي تعارف ۾ مان ڇا لکان. هن جو تعارف هن جي شاعري آهي. سندس شاعري ۾ اوهان کي جيتري سچائي، سادگي ۽ نماڻائپ ملندي هو ڪردار جو به اهڙو ئي سلڇڻو آهي. هن وٽ جيڪو اندر آهي اهو ئي ٻاهر آهي. سيف پنهنجي دل جي ڳالهه قلم جي زبان سان اوري ٿو! ان ڪري هو پنهنجي شاعري جيان ئي صاف سٿرو ۽ شرميلو آهي.

سيف هن وقت پنهنجي ڳوٺ مانجهي خان مگسي ۾ ڊاڪٽر آهي سندس شاعري پڙهندڙ دوست چون ٿا هو هڪ سٺو شاعر آهي پر ان جي ڳوٺ ۽ ترجا ماڻهو اها ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار ناهن هو چون ٿا ”سيف هڪ سٺو

ڊاڪٽر آهي“! منهنجي خيال ۾ پڙهندڙ به صحيح آهن ته غلط هن جا ڳوناٽا به ڪو نه ٿا چون. هو واقعي سٺو ڊاڪٽر به آهي ته سٺو شاعر به...... ڊاڪٽري ۽ شاعري ٻئي ڏاڍا نازڪ نفيس ڪم آهن پر هن يار ٻنهي فيلڊن ۾ پاڻ ملهايو آهي، هو ڪيتري ئي عرصي کان غريب ابوجهه ۽ بي ٻهچ مريضن جي علاج ڪرڻ واري مسيحائي ۾ مصروف آهي.

مان شاعر ناهيان ان ڪري سيف جي شاعري بابت ڏُکا نه هڻندس، مون کي شاعريءَ جا وزن بحر به سمجهه ۾ ناهن ايندا . باقي اها حقيقت آهي ته سيف جي شاعري مون کي وڻندي آهي. ان ڪري نه ، جو هو منهنجو دوست آهي فقط ان ڪري جو هن جي شاعري ۾ مبهم خيالن وارو اجايو ميڪ اپ ٿاڦيل ناهي. هن پنهنجي ڪوتا ۾ طيالن جي اوڏر به ناهي کنئي، هن وٽ جهڙا تهڙا پنهنجا خيال آهن، هو پراوا محل ڏسي پنهنجي جهوپڙيءَ نه ٿو ڊاهي. هن جي اها سچائي ڏسي شايد ئي ڪو چوي ”سيف جي شاعري ۾ اثر ڪونهي“!

سيف جو هي پهريون ڪتاب آهي. اسان ۽ توهان جي سٺي موٽ يقينن هن جي ٻئي ڪتاب جو سبب بڻجندي ۽ مان توقع ٿو ڪريان سيف جي هن ڪتابي محنت جي موٽ ۾ توهان داد جي گلن جي ورکاءَ مٿس ضرور ڪندؤ، چو ته اسان ۽ توهان ڪنهن نئين لکندڙ جي جيڪڏهن ٻي ڪا مدد نه ٿا ڪري سگهون ته گهٽ ۾ گهٽ ڪيس ان پيار، پورهئي تي ايترو داد ۽ دعائون ڏيون جو هن جو من سدائين ان فخر سان پريل هجي ته منهنجي محنت رائيگان نه وئي ۽ مان جيئان ٿو دوستن جي دلين ۾!

**طارق خشڪ**
**19_04_2005**
**شهدادڪوٽ**

# مهاڳ

## ڪمري ۾ گهڙيال ٿو جاڳي!

چوندا آهن ته ” شاعري قدرتي ڏات آهي.“ ۽ بلڪل اها حقيقت آهي، ڇو ته ڪوئي انسان ڪيترين به ڏڳرين رکندڙ ڇو نه هجي، پر شاعري هر پڙهيل لکيل ماڻهو ڪو نه ٿو ڪري سگهي. ان منجهان اها هڪ ڇٽي حقيقت اڳيان آئي ته ”شاعري قدرتي ڏات آهي“ اهڙي ڏات رکندڙ اسان جو دلبر دوست محترم ڊاڪٽر سيف مگسي پڻ آهي. جيڪو خاموش طبع ۽ مرڪندڙ چهري جو مالڪ آهي ۽ ملڻ، جلڻ جو بهترين ماڻهو آهي.

سيف ذات جو ته مگسي آهي، جنهن جي مادري ٻولي يقينن بلوچي هوندي. مگر سنڌي ٻولي تمام صاف سٺري ۽ سئولي انداز سان لکندو پڙهندو ۽ ڳالهائيندو آهي. ان مان اها ڳالهه پڻ ظاهر ٿئي ٿي ته هن نوجوان جو سنڌي ٻوليءَ سان عشق آهي، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان پيار سان گڏ همدردي پڻ آهي. ۽ سنڌ ۾ رهندڙ پاڻ کي سنڌي سمجهندڙ پنهنجي ڌرتي سنڌ ماتا سان پڻ فرمانبردار پٽ وانگر پيار ڪيو آهي جيڪو سندس شاعريءَ مان اوهان پڙهندڙن کي ثابت ٿيندو. کيس ڏات سان گڏ ڏانءُ به آهي. هن نوجوان تقريباً هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. مگر غزل تي کيس چڱي دسترس حاصل آهي.

سيف جي هن شاعريءَ جو مون جڏهن ڪجهه مطالعو ڪيو ته مون کي سندس شاعريءَ مان سيف جي سادگي ڪينجهر ۾ ڪنول جيان نظر آئي. شاعرُ قدرتي طور حساس هوندو آهي. ويتر سادو به هجي ۽ غريب طبعي منجهان به هجي ته ان شاعر جي شاعري مينديءَ جي ٿالهه ۾ رابيل جي گل جيان ۽ چوڏهين جي رات ۾ چنڊ جيان لڳندي آهي.

هن شاعري مجموعي ۾ اڪثر درد، الم ۽ جدائي جهڙيون ڪيفيتون تمام گهڻيون آهن. ڏسو هن غزل ۾ چوي ٿو.

يا وري هيئن به لکي ٿو ته :

*جسم کي آهي ضرورت ساهه جي*
*ساهه کي آهي ضرورت چاهه جي*
*تو اچڻ جي لئي چيو جنهن چنڊ تي*
*انتظاري آ گهڻي اُن ماهه جي*

سچي سنسار کي سڪ، محبت، پيار سان پنهنجو ڪرڻ وارو سيف رڳو محبوب پنهنجي کي پنهنجو نه ٿو ڪري سگهي شايد سيف جو محبوب ڪو مغرور آهي، ڪيس حُسن تي ايڏو ڪو ناز آهي جو پنهنجي اٿاهه محبت رکندڙ عاشق جو اجان تائين پنهنجو نه ٿي سگهيو آهي.

*اظهار ڪري چاٽون*
*ٿا پيار ڪري چاٽون*
*هڪ تون نه رڳو پنهنجو*
*سنسار ڪري چاٽون*

ڪٿي نه وري سندس محبوب جي محبت جي اهڙي زنده دلي سان ڳالهه ڪري چوي ٿو.

*رکي مون به چاهت سرِعام آهي*
*ڪئي تو حمايت سرِعام آهي*

ڳالهه وچوڙي جي برقرار رکندي چوي ٿو:

جيون ارپي پيار ڪري ويو
الفت جو اقرار ڪري ويو
دل جي عيوض دل نه گهريائين
واهه سخي واپار ڪري ويو

واقعي به سخي هن دنيا ۾ نه ڏسجن ٿا ڪيئي، مگر سيف جي سڄڻ جي سخاوت ئي نرالي آهي، جو دل جيڪا اَملهه چيز آهي اها ڏيئي ان جي بدلي به دل ڪو نه ڪٽي ويس. اها ڪيڏي قرباني ۽ هڪ پاسي، هڪ طرفي محبت به محسوس ٿئي ٿي.

هونءَ نه ڪوئي به ماڻهو طعنو، مهڻو ناهي ٻڌي سگهندو، چو نه چوندا آهن ”جنهن کي طعني نه ماريو نه تنهن کي ترار (تلوار) به نه ماريندي“ سو سيف هڪ هنڌ چوي ٿو:

*يار خاطر ٿو ڪٽي طعنا کلي*

*زيادتيءَ جو آ قصو ڏاڍو ڏکيو*

۽ چوندو آهي ته "هڪڙي پنهل ڪاڻ، ٻانهي ذات ٻروچ جي" اهڙي طرح سيف به چوي ٿو:

*ٻار پنهنجا ۽ پراوا ٿو ڪٺي*
*آدميءَ جو قصو آ ڏاڍو ڏکيو*

هن ڀاڱن ڀري ڀونءِ جي نوجوان شاعر پنهنجي غزل ۾ ڪٿي ڪٿي نوان مثال، نوان مشاهدا ۽ نيون تشبيهون ڏنيون آهن.(مثلا)

*گهري ننڊ ۾ لوڪ ستل آ*
*ڪمري ۾ گهڙيال ٿو جاڳي*
*رئيس ڪٺي ويو اَنَ جا داڻا*
*آٺيون چاڙهيون سال ٿو جاڳي*

هن غزل ۾ گهڙيال ۽ سال جو جاڳڻ گهٽي ڀاڱي نوان تجربا آهن وڇوڙي کان پوءِ ويچارو سيف جدائي جي عالم ۾ ڪٿي هيئن به چوي ٿو:

*جڏهن ياد تنهنجي ٿي دل کي جهٽي*
*ته احساس ڪجهه ٿو لڪائي وٺي*
*ڪيان سڪ جي سودي جو واپار ٿو*
*ڏسان پنهنجي تقدير ڇا ٿي کپي*

محبوب جي نيڻن جي نشي جي ڳالهه هڪ هنڌ ڪندي چوي ٿو:

*سڪ لڳي آ سرس پيارا*
*آءُ هلي ڪر ترس پيارا*
*نينهن تنهنجي ۾ اهڙو نشو*
*پيئان ٿو چرڻ چرس پيارا*

هر شاعر محبوب جي نشيلي نيڻن جي پيتا پنهنجي پنهنجي انداز سان ڏني آهي. پر هيئن سيف جيئن چرس جي تمثيل ڏني آهي. تيئن ڪنهن به شايد ڪين ڏني هوندي. هڪ اها خبر ته چرس پيئندڙ کي هوندي ۽ ٻي خبر پرينءَ کان پري جيئندڙ کي هوندي.

هن وڇوڙي جي ويراني واري صحرا ۾ ساهه کڻندڙ سيف مگسي پنهنجو پاڻ کي آٿت ڏيندي چوي ٿو

*دل کان دلبر دور ناهين ڪو ٻهر*

*روز سپنا ٿو ڏسان ديدار جا*

جدائي جيءَ جهوريندي آهي اهڙي مرحلي ۾ اندر جا احساس اٿلي پوندا آهن اهڙن احساسن جي ڳالهه سيف به ڪئي آهي.

*نيڻن نماڻا توکي سارن*
*لڙڪن هاڻا توکي سارن*

وڇوڙو عذاب آهي خدا شل ڪنهن کي به وڇوڙو ڪين ڏئي هميشه به دليون پاڻ ۾ مليل هجن جن جي هر نظر سان هڪ زندگي جنم وٺي، باقي وڇوڙو ته ماڻهوءَ کي ائين ساڙي تباهه ڪري ٿو ڇڏي جيئن سڪل ٻلال جي ڪري کي فقط هڪڙي تيلي خاڪ ٿي ڪري ڇڏي، ائين ئي وڇوڙي کان پوءِ واري ڪيفيت ۾ سيف هن طرح به حال دل جو ڪيو آ. لکي ٿو:

*باهه ڏئي ساڙي سمورو گهر ويو*
*ڇو ته پيارو پيار کي ڏئي در ويو*

محبت ۾ فرق نه هجڻ گهرجي. اونچ نيچ گهٽ وڌائي ۽ طبقن کي نظر انداز ڪرڻ سان ئي محبت امر ٿيندي آهي. محبت ۾ اگر هڪ پاسي کان فرق ذري جو به محسوس ڪنهن ذر ڪيو ته اها محبت محبت ناهي رهندي بلڪه مان ته ائين چوندو آهيان ته هڪ ذر يا ٻي ذر وارو به تصور نه هئڻ گهرجي "هڪ دل به جيم" وانگر اهڙي قسم جي ڳالهه سينئر شاعر استاد عبدالخالق "عبد" هن طرح ڪئي آهي:

*محبت ۾ منهنجا مٺا ائين ٿجي غرقُ*
*عاشق ۽ محبوب ۾ رهي ڪو نه فرقُ*
*ورائي ڏس ورق عبد انهيءَ اصول جو*

وڇوڙي کان پوءِ سيف جو محبوب سيف کي ڀلي ياد نه ڪري مگر سيف ويچارو پنهنجي پيارن ڪيڏي نه يقينيءَ سان ٻڌائي ٿو ته:

*دلئون دلبر سڏيون ٿا پر نٿو ڄاڻي اهو هاڻي*
*اسان ناتو ڇنو ناهي اسان جي دل تو رب ڄاڻي*

سيف جي محبوب کي لڳي ٿو شهر جون مٺوي ٿڌڙيون هوائون ۽ شهر جون مٺوي رونقون ڏاڍيون پسند آهن جو هو ڀهراڙيءَ جو ٿي ڪري سيف جي دل قيد ڪري اچي شهر ويهي رهيو آهي ته ڳوٺ وري ورڻ واري ئي نٿو ڪري، حالانڪه ڀهراڙيءَ ۾ اصلي قدرتي ٿڌڙيون هوائون، وڻندڙ ماڪ ڦڙا، هر

طرف ساوڪ ئي ساوڪ، عجيب منظر شام جي پهر ۾ مال جو ورڻ، پکين جو واهيري طرف ورڻ ۽ سج جو لهڻ وقت محبوب جي لبن جهڙو رنگ ڏسڻ وٽان هوندو آهي. وري سرنهن جي ڦولار ۾ بيهي مٺيون ڳالهيون ڪرڻ جو مزو ئي پنهنجو آهي اهي سڀ دلڪش منظر به ڇڏي سيف جو محبوب شهر وسايو ويٺو آهي.

ان ڪري سيف گرمين سندا ڏينهن ۽ مچرن جي موسم وارين راتين جي گذري وڃڻ جي پڪ ڏياريندي پنهنجي محبوب کي وري اچڻ لاءِ ڏوراپا ڏيندي لکي ٿو:

*شهرڪان هاڻي واپس ٿي واهڻ اچو*
*ڏينهن گرمين سندا مون گذاري ڇڏيا*
*آس تنهنجي رکي سيف بڌتر ۾ آ*
*روز جذبا جياري ۽ ماري ڇڏيا*

محبوب تان فدا ٿيڻ يا محبوب جي شهر جي رستن ۽ گهٽين کي چمڻ هر ڪنهن جو ڪم ناهي سرڊيف چوي ٿو :

*هي نيڻن نشيلا زلف تنهنجا ۽ پاڪ پشم جئان پير چميم*
*تنهنجي شهر جا رستا گهرڙا پرين سڀ ڏڀ مٿا ۽ سير چميم*

اجان بي هنڌ چوي ٿو :

*سڪ سڳيءِ کي سوري چاڙهون*
*دل کي ڪنهن تان گهوري چاڙهون*

سيف مگسي پنهنجي محبوب کي اڪثر وڇوڙي ڪان پوءِ هلڪا ڦلڪا ڏوراپا ۽ محبتي مياروں پئي ڏنيون آهن جيئن چوي ٿو:

*دل لڳيءَ کي تو نه سمجهو آ پرين*
*دوستيءَ کي تو نه سمجهو آ پرين*

يا وري

*سات ڏيندي ڪو جگر هاڻي ڇڏي*
*يار مان اغيار ٿيندو تو وڃي*

بهرحال مون اجان مُهاڳ ۾ غزلن جي ڪجهه شعرن کي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو آهي. باقي صنفون ته رهجي ويون آهن. اهو ان ڪري ته هر

صنف تي اگر لکبو ته ڪتاب ئي ”مُهاڳ“ بڻجي ويندو. باقي شاعري ڇا پڙهبي؟ تنهن ڪري باقي رهيل صنفون پڙهندڙ ئي پڙهي صاحب ڪتاب کي پنهنجا رايا لکي موڪلن ته سندن مهربانيون ٿينديون. اميد ته هر سنڌي پڙهندڙ باشعور ماڻهو ۽ اهل دل ماڻهو ڪتاب مان لطف اندوز ٿيندو.

**بقلم**
**ڊاڪٽر الطاف آسي چانڊيو**
**لاڙڪاڻو**
**CMC Doctor’s Model Colony Larkana.**

# رايو

# پُر رونق ۽ رنگين گلدستو:

هن وقت منهنجي اڳيان اسان جو مشهور نوجوان شاعر محترم سيف مگسيءَ جو قلمي پورهيو، ذهني ڪاوش ۽ محبت جي ميٺڙي چوندبل شاعريءَ جي روپ ۾ موجود آهي.

هن محبتي شاعر- عشق ۾ اچي جيڪي درد پريا داستان چند مختصر سٽن ۾ سمايا آهن يا هن محبت جي گنج مان جيڪي گوهر حاصل ڪيا آهن يا ورڻ ورڻ جو واس وٺي جيڪا شيرين شهد تيار ڪئي آهي يا باغ باغ جو سير ڪري حسين ۽ جميل پر رونق ۽ رنگين گل گڏ ڪري گلدستو تيار ڪيو آهي ان جو اثر مون ورتو آهي.

"سيف مگسيءَ جي ڪلام ۾ جدت به آهي ته تاثير به لفظ به آهن ته انهن جو صحيح استعمال به، خيال به آهن ته انهن جي تعبير به آهي. سندس ڪلام ۾ معشوق سان مخاطب ٿيڻ جو محبوب انداز به آهي ته معاشري ۾ موجود ظلم جي خلاف آواز به آهي. مظلوم لاءِ آٿت به آهي ته ظلم لاءِ اتڪاءُ به آهي، سندس ڪلام ۾ اميد به آهي ته مسلسل جدوجهد به، درد به آهي ته درد جو درمان به آهي. انتظار بيچيني ۽ هجر و فراق به آهي ته وصل و ملاقات به آهي، ثبوت لاءِ سندس ڪلام هر خاص و عام لاءِ کليل ۽ ڇپيل ڪتاب جي روپ ۾ موجود آهي.

سيف مگسي جي ڪلام جي هڪ وڏي خوبي هي به آهي ته هو بيتڪلف شاعر آهي. هو جنهن معاشري جو فرد آهي. اتان جي ٻولي ۽ روايتن کي پنهنجي ڪلام ۾ محفوظ ڪرڻ کي اوليت ڏي ٿو. هو ڀهراڙي جي پر خلوص ماحول کي(جنهن ۾ منافقت نه هوندي آهي ڪنهن سان دوستي به ظاهر ته دشمني به ظاهر) پنهنجي شاعري ۾ جاءِ ڏي ٿو. تنهنڪري اميد آهي ته سندس شاعري رنگ لائيندي.

سنڌ جي سرتاج شاعر حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جي مقبوليت جي سببن مان هڪ سبب سندس عواميت به هئي، هن جي شاعري ۾ به عواميت موجود آهي.

سيف مگسي شاعري جي ڪيترين ئي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، مون ٻه تقريبن سندس هر شعر ڪي پڙهيو آهي ۽ سيف جي حڪم موجب پنهنجي حال آهر مناسب مشورا ٻه ڏنا آهن ۽ هن گهڻي ڀاڱي منهنجي مشورن تي عمل ٻه ڪيو آهي.

آخر ۾ دعا ٿو ڪريان ته شال سيف مگسي جو ڪلام مقبوليت ماڻي ۽ اسان جي دلين جي صحيح ترجماني ڪري

طالب العلم
سيد گل محمد شاه بخاري
سيرت لائبريري شهدادڪوٽ
11جون 2005ع

# ليڪ پاران

## سونهن، دل جي ڌڙڪن آهه!

شاعري ڇا آهي؟!.......... اڄ ڏينهن تائين ان جو تسلي ڏيندڙ هڪ به جواب ڳولي نه سگهيو آهيان. پر ان جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ سان ڇيٽ جي نتيجي اس محسوس ضرور ٿيندي آهي، ۽ ان نتيجي اس مان ئي جڏهن شاعر قلمي پورهئي جي مزدوري ڪري ڪجهه حاصل ڪندو آهي، ان کي به شاعريءَ جو نالو ڏئي سگهجي ٿو. هونئن به ڪنهن مفڪر جي چوڻي”هر ماڻهوءَ جي اندر هڪ شاعر هوندو آهي پر شاعريءَ جون تقاضائون پوريون نه ڪرڻ سبب، اهو نديڻ ۾ ئي مريو وڃي“ اهو ئي سبب آهي جو شاعري کي آلا پڻ سان سوين دليون رقص ڪن ٿيون. شاعري ظلم، ڏاڍ، ڪاوڙ ڪروڌ، بک، بدحالي، ساڙ آڏو بند ٻڌي، اعليٰ انساني احساس ۽ گڻ پيدا ڪندي آهي. شاعري اعليٰ قدر، سيرت ۽ سونهن پيدا ڪندي آهي. شاعريءَ ۾ به محبوب جي سونهن لڪيل هوندي آهي تنهن ڪري شاعر پنهنجي محبوب جيڏو چاهه شاعريءَ سان به رکي ٿو ڇو ته اها شاعري ئي آهي، جو محبوب جا ڏکيا گس ڏيکاري ۽ پرينءَ جي معراج ماڻڻ جو شرف بخشي ٿي، پرينءَ جي ناز و ادا ۽ سونهن کان شاعري پاڻ ئي متاثر آهي ان ڪري صرف شاعر جو سهارو وٺي ڪوري ڪاگر تي ڇنجي اچي ٿي.

سونهن جيڪا هر ماڻهو جي دل جي ڌڙڪن رهي آهي ان جي پوئلڳي ڪندي سڪون محسوس ٿيندو آهي سونهن رت جي رشتي کان همراز دوست تائين ۽ پرينءَ جي هلڪي ادا کان عشق جي جنون تائين متاثر ڪندڙ شيءَ رهي آهي. سونهن سان گڏوگڏ سچائي به هجي تنهن سونهن ۾ وري قدرتي ڪرامتون ڪرُ کٽنديون آهن، جيڪي هميشه پنهنجو ورد ڪرائڻ تي مجبور ڪنديون آهن ۽ ان ڪرامت خيز ماڻهوءَ جو وڇوڙو قيامت خيز ماحول ۾ سلهاڙجي اهڙي ته تبديلي آڻي ڇڏيندو آهي جو زندگيءَ جا حسين پل به عذاب گهر لڳندا آهن.

”حسرتون رهجي ويون“ شاعري جو مجموعو انهن لمحن مان گذري لکيو اٿم جنهن ۾ مجبوريون ۽ معاشري جون ناانصافيون من گهڙت رسمون لکرائڻ تي مجبور ڪنديون آهن. شاعري مونکي ورثي ۾ ناهي ملي. جيڪو ڪجهه لکيو اٿم مٿئين ڪيفيتن مان گذري لکيو اٿم، مٿئين مرحلي مان جيڪي ماڻهو گذري چڪا آهن ضروري نه آهي هر ماڻهو جي ان ڪيفيتن جي اظهار جو ذريعو شاعري هجي پر جيڪي شاعري کي ئي پنهنجي دل جي ڳالهه ٻي تائين پهچائڻ جو ذريعو ٺاهيندا آهن انهن مان هڪ مان به آهيان. خبر ناهي پنهنجي ان پوڳنائن کي مان غزل، نظم، وائي، چؤسٽن جي مالها ۾ صحيح نموني پوئي سگهيو آهيان به الائي نه بس ڪجهه درد، ڪجهه سور، صدما شاعري جي زبان ۾ اوهان سان شيئر ڪيا اٿم . منهنجي اها ڪاوش اوهان کي سٺي لڳي ته خوشي ٿيندي اوهان کي منهنجي هن شاعري مجموعي ۾ وزن بحر جي ڪا ڪمي يا ڪي فني خرابيون محسوس ٿين ته حوصله شڪني بجاءِ حوصله افزائي، اصلاحي صلاحون ڏيندا ته به هي پنهنجو قلمي پورهيو رائيگان نه پائيندس. دل ۾ اکيون اوهان جي راءِ جون منتظر رهنديون.

مان انهي سيني پيارن دوستن جو ٿورائتو آهيان جن ادبي کيتر ۾ منهنجي همت افزائي ڪئي ۽ مونکي تقاضاءِ وقت کان آگاهه ڪندا رهيا جن ۾ طارق خشڪ، امتياز سومرو، فتاح ابڙو، ضمير ڪرل، ڊاڪٽر الطاف آسي، انور ڪليم، سعيد سومرو، سحر غفار، هاشم حامي، اصغر ڪوسو، فقير محمد سنڌي، فدا سيلرو، مير اورنگزيب، مظهر علي، علي دوست مگسي، ڊاڪٽر امداد ڪوسو، جهانگير ڪمبوهه، ناظم سيلرو، ڪوڙل قربدار، امداد لاشاري، وفا وزير علي ۽ خاص ڪري پنهنجي بزرگ استاد نالي واري نعت گو شاعر محترم سيد گل محمد شاهه گل بخاري جو احسان مند آهيان جن معصوم ٻار وانگر چيچ مان وٺي مونکي منهنجي حال آهر هيءَ ادبي دنيا ڏيکاري.

**چاهه ۽ سڪ مان**
**ڊاڪٽر سيف مگسي**
**ڳوٺ مانجهي خان مگسي**

**پوسٽل ايڊريس**
**سنڌ سينگار ٽيلر**
**شاهي بازار شهدادڪوٽ**
**دوست علي روڊ**
**شهدادڪوٽ**


www.voiceofsindh.net

# غزل

# دعا

ياخدا! هي درد دل وارا مٺاءِ
ديس جي هر شخص ڪي حق تي هلاءِ

مفلسي ۾ سور ٻئي رلجي پيا
لطف وارا! آفتن کان جند ڇڏاءِ

انتها ظلم و ستم جي تي وئي
يا خدا! ان جو سلو پاڙئون پٽاءِ

هي ڪرپشن ظلم آ سنڌ تي ڇوان!
ٿا ڇوڙ هاڻي هينئر رستو وهاءِ

امن جي ڪا ڇانوَ آڻي هت وري
ساه سک جو سنڌ واسين کي ڪٽاءِ

ڪنهن ستايو، ڪر سياست، مون ڇيو
”آ ڇڱائي ڪنهن ڪئي، هڪڙو ٻڌاءِ؟“

هر پاسن کان ڳالهه ٿا پنهنجي ٻڌون!
ديندارن کي ٻه رستو هڪ وناءِ

”سيف“ عاجز تنهنجي در جو آ ڏٺي
ٻاجهه ۾ رحمت ڪٽي سڀ کي وڏاءِ

دوستيءَ ۾ دل لڳي اڄ آ ڪٿي ! ؟
چاهتن جي زندگي اڄ آ ڪٿي ! ؟

سنگ دل ۽ خود ثنا ڪيئي مليا
پر سچائي ساد گي اڄ آ ڪٿي ! ؟

ڪير آ هر هر ملي جهومي پوي
دلربا دل جي خوشي اڄ آ ڪٿي ! ؟

ڪجهہ حياتي ڪنهن سان گذري ٺيڪ هئي
۽ هجر ۾ زند گي اڄ آ ڪٿي ! ؟

مان تہ چاهيان ٿو پرين توکي مگر
تنهنجي مونسان دل لڳي اڄ آ ڪٿي ! ؟

مسجدن ۾ ٿو ڏئين سڪٽا چڪر
”سيف“ تو ۾ بند گي اڄ آ ڪٿي ! ؟

رهيا نيڻ آلا وڇوڙي ڪان پوءِ،
ٿياسين اڀالا وڇوڙي ڪان پوءِ.

ڇڏي يادگيريون ويو آهي ءَ،
ڪيئن ۾ رسالا وڇوڙي ڪان پوءِ.

سڄو شهر پنهنجو ڏنو ئي نہ هو،
ڪيا تم ڪشالا وڇوڙي ڪان پوءِ.

وئي سوچ اڏري، ذهن کي لڳا،
ڪئي يار تالا وڇوڙي ڪان پوءِ.

مزو محفلن مان، ويو آ ڇڏي،
ويا هو جمالا وڇوڙي ڪان پوءِ

الا جيئري ڏنڀ، ڏيندا رهيا،
لکيائون مقالا وڇوڙي ڪان پوءِ.

ستم جي وئي آهي ٿي انتها،
اچا پيي ملهالا وڇوڙي ڪان پوءِ.

سندءِ ياد سان روح آباد آ،
نہ ٿيا پهر پالها وڇوڙي ڪان پوءِ.

رڳو ”سيف“ آ روح جي روشني،
فنا ٿيا اجالا وڇوڙي ڪان پوءِ.

جسم کي آهي ضرورت ساهہ جي،
ساهہ کي آهي ضرورت چاهہ جي.

مون وساري پيچرا پنهنجا ڇڏيا،
مون کي ڳولا آهي تنهنجي راهہ جي.

تو اچڻ جي لئہ چيو، جنهن چنڊ تي،
انتظاري آ گهٽي، اُن ماهہ جي.

تون نہ وڃ، جو چيٽ جي گرمي تئہ گهٽي،
هڪ پري مان ئي ڪندس اڄ گاهہ جي.

پيار مون کي ڏي ۽ مون کان پيار وٺ،
گهرج ناهي باغ جي ۽ واهہ جي.

دل آ ڄڻ ڪعبو، سندس تعمير ڪر،
”سيف“ تون سوچين متان پيچ ڊاهہ جي.

هي نيڻ نشيلا زلف تنهنجا ۽ پاڪ پشم جئان پير چميم،
تنهنجي شهر جا رستا گهرڙا پرين سڀ دڳ مٽا ۽ سير چميم.

هٿڙن سان لکي جي خط تو مُڪا، سڀ سانڍي اکين ۽ دل ۾ رکيا،
هر هڪ کي رکي پنهنجي سيني تي، ڪري ڪوڙ سکي مان ڍير چميم.

معمول بڻائي توکي ڏسڻ، هر روز بهانا ٺاهيان ٿو،
توساڻ حڪايت جا ٻه ڪيان، سا ڳالهہ پرين ۽ هير چميم.

ڪنهن "سيف " نپايو تنهنجو ڏنو، تنهن لفظن ۾ مان گم ٿي ويس،
ان ماڻهوءَ ۾ تنهنجو عڪس پسي، تنهن کي نہ ڏنم مان ڪير چميم.

جنهن دل ۾ اڳي ئي ڏهل وڃن،
تون نيڻ نہ ڪڻ ٿا راز کُلن.

هر چيز جتي سي عام ملي،
اتي پيار تي پهرا ڇا لئي هجن.

اڄ ميت محبت ساڻ رهون،
جيئن ديس جا دشمن يار سڙن.

مان پاڻ سنڌو ٿو پار ٿيان،
تون لهہ نہ متان تنهنجا پير پُسن.

هت تورين تورين ڳالهين تي،
ٿا ارڏا ڪونڌر گهوٽ ڪُسن.

اکڙين کي سعادت آهي ملي،
ٿيون "سيف" زيارت تنهنجي ڪن.

زندگي بيڪار آ، ساٿي سوا،
ساهہ چڻ آزار آ، ساٿي سوا.

چين سان هڪ منٽ پي ناهيان رهيو،
روح ٿيو بيمار آ، ساٿي سوا.

ڳالهہ منهنجيءَ ڪي نہ سمجهي ڪو سگهيو،
مون لئي هرڪو ٻار آ، ساٿي سوا.

راز هي ڪنهن کي ٻڌايان هجر جو،
دل مٿان جو بار آ، ساٿي سوا.

چاڪ دل جا پيا چڪي روئي پيم،
سچ سڄو سنسار آ، ساٿي سوا.

ڪنهن سڏيو مون کي برو مجنون چريو،
ڪنهن چيو لاچار آ، ساٿي سوا.

”سيف“ سارو لوڪ ٺوڪون پل ڪري،
مون ڇڏيو سينگار آ، ساٿي سوا.

ٿوري ٿوري ڳالهه تي ويچار جا،
ها پرين سي ئي زمانا پيار جا.

جيڪي جملا تو پڙهيا ها پيار جا،
ڪوڙ ٽڪرا تو ڪٽيا اخبار جا.

دل ڪان دلبر دور ناهين ڪو پهر،
روز سپنا ٿو ڏسان ديدار جا.

ذڪر تنهنجون به لفظن ۾ ٿئي،
سي اکر سونا لکان گفتار جا.

پيٽ جي ڪو باهه مارڻ لئه پني،
۽ ٿو پالي ڪو ڪتا پوتار جا.

تنهنجي صورت ”سيف“ سانڍي دل اندر،
ڀيا ڇڏيا سهڻا انهيءَ سنسار جا.

رکي مون ۾ چاهت سرِعام آهي،
ڪئي تو حمايت سرِعام آهي.

حسد مان هي حاسد ڏنگين نانگ وانگر،
انهن جي عداوت سرِعام آهي.

اڪيلي گذارڻ سبب آهيان ماندو،
ملي تو ڪان راحت سرِعام آهي.

جدا يار جالي رهي ڪو نہ سگهبو،
ڪئي هن حڪايت سرِعام آهي.

خوشي غم ۾ ساجن سدا ”سيف“ سان آ،
سڄڻ جي قداقت سرِعام آهي.

جيون اربي پيار ڪري ويو،
الفت جو اقرار ڪري ويو.

دل جي عيوض دل نہ گهريائين،
واهہ سخي واپار ڪري ويو.

دامن ڪنهن جي ڳوڙها ڳاڙي،
هلڪو دل جو بار ڪري ويو.

نفرت، ڪلفت، پاڻ رکڻ کان،
يار صفا انڪار ڪري ويو.

محبت ۾ تہ مريد بڻائي،
پنهنجو آ سنسار ڪري ويو.

”سيف“ دنيا ۾ پيا بہ گهڻا ها،
پنهنجو هڪڙو يار ڪري ويو.

اظهار ڪري چاڻون،
ٿا پيار ڪري چاڻون،

هڪ تون نہ رڳو پنهنجو،
سنسار ڪري چاڻون.

جنهن ۾ نہ رسين تون سو،
ڪردار ڪري چاڻون.

دولت جي نہ ڳڻتي آ،
ٿا يار ڪري چاڻون.

بس ميٺ محبت جي،
گفتار ڪري چاڻون.

الفت جي بقا خاطر،
اقرار ڪري چاڻون.

ڪر حڪم سڄڻ پوءِ ڏس،
هرڪار ڪري چاڻون.

محبوب! رڳو تنهنجو،
ديدار ڪري چاڻون.

سنڌ پنهنجي ذات ۾ موجود آ،
وائي هر جا وات ۾ موجود آ.

جا ٻہ لکڻي اڄ لکي آهي اسان،
سڀ ڪنهن جي ڏات ۾ موجود آ.

ڪر بغاوت بند هاڻي ديس جي،
هت نہ ڪوئي سانت ۾ موجود آ.

ديس ۾ ناري مٿان سر تا ڏيون،
ڳالهہ پنهنجي بات ۾ موجود آ.

”سيف“ سنڌ جي دشمنن لئہ ٿو گهري،
تن ڪي ماري مات ۾ موجود آ.

دل ۾ ڪو احوال ٿو جاڳي،
سندر سهڻو خيال ٿو جاڳي.

گهري ننڊ ۾ لوڪ ستل آ،
ڪمري ۾ گهڙيال ٿو جاڳي.

ڪالهه ٻه ڪنهن مسڪين ڦريا جو،
ظلم پٽيان جنجال ٿو جاڳي.

سوچ نرالي سڀ ڪان تنهن جي،
جنهن جي من ۾ حال ٿو جاڳي.

رئيس ڪٽي ويو اَنَ جا داڻا،
آڏيون چاڙهيون سال ٿو جاڳي.

جاءِ نہ جوڙي ”سيف“ سگهي ٿو،
دل ۾ ساڳيو خال ٿو جاڳي.

جڏهن ياد تنهنجي ٿي دل کي جهٽي،
تہ احساس ڪجهہ ٿو لڪائي وٺي.

ڪيان سڪ جي سودي جو واپار ٿو،
ڏسان پنهنجي تقدير، ڇا ٿي ڪٽي؟

رکي رمز ڪهڙي اٿئي عشق، جو؟
زماني جي هر شئي ڇڏين ٿو لَٽي.

جڏهن روح ماندو ٿي اڏرڻ لڳي،
تڏهن مرڪ تنهنجي ٿي پرڙا پٽي.

پسان سونهن تنهنجي جتي ٿو پرين،
اچي لهر ٿي، ڄڻ ڪا بجلي سٽي.

هيون "سيف" جنهن سان وڏيون قربتون،
اچانڪ ويو سو صفا دل مٽي.

نيڻ نماڻا توکي سارِن،
لڙڪن هاڻا توکي سارِن.

ڳوٺ وساري شهر وسايئہ،
ماڳ پراڻا توکي سارِن.

موتي اوتن جيڪي واتان،
سي بہ سياڻا توکي سارِن.

انگل آرامن جا ڪيئي،
دل جا ماڻا توکي سارِن.

سهڻا ماڻهو ”سيف“ جي تر جا،
موتين داڻا توکي سارِن.

سڪ جو لڳي آ سرس پيارا،
آءُ هلي ڪر ترس پيارا.

نينهن تنهنجي ۾ اهڙو نشو آ،
پيئان ٿو جڻ چرس پيارا.

منهنجي ملڪيت، منهنجي مايا،
تون ئي موڙي پرس پيارا.

سال ٿيو آ، آيو ناهين،
نيڻن کي آ حرص پيارا.

”سيف“ چمڻ مان قدم ٿو چاهيان،
تار اچي هڪ ترس پيارا.

باھہ ڏئي، ساڙي سمورو گهر ويو،
ڇو تہ پيارو پيار کي ڏئي در ويو.

دل ڇوي ٿي رونقون ڪاڏي ويون ؟
منهنجي لئہ ٿي شهر پي آ بر ويو!

خاڪ سان مون کي ملائي ۽ ڪلي،
پاڻ کي سمجهي هو دانشور ويو.

پيار کي دل ۾ هنڊائي جنهن رکيو،
تنهن جي دنيا ٿي اثر بهتر ويو.

سنڌ ٿي مولا، وسائج مينهن جو،
لاڙ، ڪاڇو ۽ سڪي آ ٿر ويو.

پيار ۾ جتہ "سيف" ملياسين اسان،
اڄ اڪين مان گم ٿي سو منظر ويو.

رات آلين اکين لڙڪ هاري ڇڏيا،
چاهہ تنهنجي پرين ها رئاري ڇڏيا.

تنهنجي تصوير آڏو اکين جي رکي،
نيڻ پنهنجا ملائي مون ٺاري ڇڏيا.

شهر ڪان هاٽي واپس ٽي واهڻ ورچ،
ڏينهن گرمين سندا مون گذاري ڇڏيا.

اڄ نياپو مليو، تون اڱڻ تي اچين،
مون گهٽيون ۽ رستا ٻهاري ڇڏيا.

آس تنهني رکي ”سيف“ ٻڏتر ۾ آ،
روز جذبا جياري ۽ ماري ڇڏيا.

عشق ۾ تڪرار ٿيندو ٿو وڃي،
پوءِ بہ هن سان پيار ٿيندو ٿو وڃي.

ٿيٺ ۾ هر اڪ پئي آهي لڳي،
باوفا ڀي بار ٿيندو ٿو وڃي.

چؤطرف ويو پيار تي پهرو لڳي،
روز نئون آزار ٿيندو ٿو وڃي.

پيار ڪان جو دور ٿيندو ٿو وڃي،
سو نہ ڪنهن ڪم ڪار ٿيندو ٿو وڃي.

ساٿ ڏيندي ڪو جگر هاڻي ڇڏي،
گل مان سو خار ٿيندو ٿو وڃي.

جي ملي سڀ سان ملي مرڪي پوي،
سو هيئين جو هار ٿيندو ٿو وڃي.

”سيف مگسي“ ذهن ڪنهن جي ۾ نہ هو،
نيهن ۾ نروار ٿيندو ٿو وڃي.

دل لڳيءَ جو آ قصو ڏاڍو ڏکيو،
عاشقيءَ جو آ قصو ڏاڍو ڏکيو.

يار خاطر تو سهي طعنا ڪلي،
زيادتيءَ جو آ قصو ڏاڍو ڏکيو.

سونهن آڏو تو سلامي ٿئي جهان،
عاجزيءَ جو آ قصو ڏاڍو ڏکيو.

زندگي آ موج دريا، پيار سان،
دل پڪيءَ جو آ قصو ڏاڍو ڏکيو.

بار پنهنجا ۽ پراوا تو ڪٽي،
آدميءَ جو آ قصو ڏاڍو ڏکيو.

”سيف“ روئي يا کلي، ڪٽندي رهي،
زندگيءَ جو آ قصو ڏاڍو ڏکيو.

نينهن لائي نڀائڻ ڪو توڪان سکي،
عشق هيڏو سمائڻ ڪو توڪان سکي.

ڏاڍ جهيڙي نہ طاقت، سوا پيا جُهڪي،
ڪنڌ ڪنهن جو ڪپائڻ ڪو توڪان سکي.

جيءَ ۾ جاءِ هر ڪو ٿو توکي ڏئي،
جاءِ اهڙي ولارڻ ڪو توڪان سکي.

الوداع جيڪو جيون کي چئي ٿو ڇڏي،
تنهن جو جيون بچائڻ ڪو توڪان سکي.

ياد ”مگسي“ عذابن جي آهي ڇري،
”سيف“ مرڪي گذارڻ ڪو توڪان سکي.

راتِ سپنو ڏسي جيءُ جرڪي پيو،
”تون ملي چو نہ ٿي“ مون هو روئي چيو.

مان تہ مجبور آهيان، جو منهنجا پرين،
تو بہ خطڙو نہ ڪوئي تہ آهي لکيو!

درد ڪيڏو هو وڌندو اڃان پئي ويو،
لڙڪ نيڻن مان تنهنجي پرين جي ڳڙيو.

بيوفا ڪيئن توکي، چئي ٿو سگهان،
راز پنهنجا ئي ڪولي، نہ آهيان سگهيو!

تو جي چرڪي مٺا، موڪلاڻي ڪئي،
”سيف مگسي“ لچي، ڏاڍو تڙپي اٿيو.

سڪ سڳي ڪي سوري ڇاڻون،
دل ڪي ڪنهن تان گهوري ڇاڻون.

پنڌ اڻانگو آهي ليڪن،
يارو ڏونگر ڏوري ڇاڻون.

ڪا ٻه ٻيائي ڪنهن سان ناهي،
دل مان نفرت ڪوري ڇاڻون.

پيار سندو پيغام ملي پئي،
وک وصل جي چوري ڇاڻون.

هن سان ”سيف“ ملڻ جي خاطر،
پنڌ پراهون اوري ڇاڻون.

خاموشي ۾ رهه تون ڍول،
بهتر آهي، درد نه ڪول.

چنڊ ڪي پڇون ڪيئن او سائين،
لڙڪن هاڻا پنهنجا جهول.

جنهن ڪي دل جو دردسڻايا،
سو ٻي ٻولي پنهنجا ٻول.

درد ڏئي ڪو. دلبر ويو جو،
هاءِ اندر ۾ آ چوٻول.

پيار سدائين ”سيف“ امر آ،
باقي ڳالهيون، خالي قول.

پيارا نيارا،
سڄڻ قرب وارا.

اچين جي اگڻ،
وڄن سور سارا.

جڏهن اوٺ ڪيائون،
ٿياسين موچارا.

اوهان آب اجرو،
اسان قلب ڪارا.

ڏٺم ساري دنيا،
مليا تو نہ پارا.

رهون ”سيف“ دل ۾،
ڪيو نہ موجهارا.

سک وڃي آهن ستا، هت درد تنهنجا در ڪليا،
ٻاهه اوڙاهه جا الا، هت درد تنهنجا در ڪليا.

راهه موڙي ويو ڪٽي آ، اڄ وڏيرو قرض ۾،
سانگي سڏڪا سورڙا، هت درد تنهنجا در ڪليا.

مان تہ آهيون يار دانهون بس رکو هان ديس ۾،
مونکي ناهي ڪا بقا، هت درد تنهنجا در ڪليا.

ڪير آخر ڪيستائين ڪنهن جي ڳولا ٿو ڪري،
نيڻ هن ٿڪجي پيا، هت درد تنهنجا در ڪليا.

ماهر امراض ڪان هن درد جي تشخيص ٿي،
مرض مٺي ڪا لادوا، هت درد تنهنجا در ڪليا.

شوخ نظرن جي سلامي هن ڪان حاصل ٿي مگر،
منهنجي بيوس التجا، هت درد تنهنجا در ڪليا.

اڄ ڇتا ضامن ٻڌي خانگي ڪنهن جيل مان،
ڳوٺ ۾ تڙپي مليا، هت درد تنهنجا در ڪليا.

باب تون اسلام جو ۽ پيروي پيغمبري،
سنڌ تو ۾ هاڻ ڇا، هت درد تنهنجا در ڪليا.

بيوسي هر ڪنهن قبولي ديس ۾ دهشت ڏسي،
ظلم جي آ انتها، هت درد تنهنجا در ڪليا.

آزمائي مون ڏٺي آ دوستن جي دوستي،
ڪا نہ هئي مطلب سوا، هت درد تنهنجا در ڪليا.

ساز دل جو "سيف" ڇيڙي ڪو نہ تون واپس ورين،
تون هليو وئين دلربا، هت درد تنهنجا در ڪليا.

هر ڪو ماڻهو پيار پڪاري،
دوست جي دل ۾ ياد ويهاري.

نفرت، ڪلفت، ڪيني سان ڪو،
پهتو ناهي قرب ڪناري.

پيار ۾ ڪافي لاها/چاڙها،
ڪيئن ٿو ماڻهو نفرت ڏاري؟

آدم جي هن عشق مٿان هي،
جان بہ ڇڏجي بيشڪ ڳاري.

توکان پوءِ هت تنهنجو ماڻهو،
تنهنجي ياد ۾ پاڻ جياري.

تنهنجون راهون ”سيف“ تڪيندي،
ڪو نہ ٿڪي ٿو يار نهاري.

سور وارو ڪو بہ ناهي، دوستي ڪهڙي ڪجي،
درد ڏيئي ڪو جگر ويو، عاشقي ڪهڙي ڪجي.

پروسو ڪهڙو ڪريان، هن يار جي مان پيار تي،
باوفا ڪان بيوفا ٿيو، دل لڳي ڪهڙي ڪجي.

روز طرحين ٿا لڳن، الزام مون تي دوستو،
باھہ پٽ جو آ قصو، پائي خوشي ڪهڙي ڪجي.

آ اميري ۾ وڏائي، ۽ غريبي ڪان غصو،
ڏينهن راتيون هڪ ڪري، ۽ زندگي ڪهڙي ڪجي.

سوچ اڪيون، پير، هٿ ۽ سڀ طريقا جنهن ڏنا،
”سيف“ ڇو مونجها رهون ۽ خودڪشي ڪهڙي ڪجي.

مان ئي تہ سڀ کان جدا ٿي ويئس،
جڏهن کان توتان فدا ٿي ويئس.

نہ پائين، پائين مونکي تون پيارا،
مٺا مان تو لئہ گدا ٿي ويئس.

نڀايو مون ئي وفا جو ناتو،
هجر ۾ تو لئہ حصا ٿي ويئس.

هلي نہ منهنجي، ڪو حال تي تو،
مان ئي تہ تنهنجي رضا ٿي ويئس.

تعريف منهنجي ڪندو ڪڏهن هو،
ثنا مان ڇو اڄ گلا ٿي ويئس.

ڀلي تہ "سيف" ئي گهري ڪو سرڙو،
بقا مان، مان اڄ فنا ٿي ويئس.

سيرت سهڻي عادت بخشي،
تنهنجي ياد سعادت بخشي.

هر ڪا خصلت تنهنجي مونکي،
اعليٰ سوچ حڪايت بخشي.

پٽر دل کي ميڻ ڪري ٿو،
سچ صداقت چاهت بخشي.

ڪوڙ ڪپٽ کان دور رهي ٿو،
نوڙت، نياز شرافت بخشي.

ڪمزوري ۾ ”سيف“ جي دل کي،
ڏاڍي فرحت راحت بخشي.

ويا پور تنهنجا نهوڙي نهوڙي،
پرين پيار تنهنجي ڇڏيو آ وڪوڙي.

ٿيو روح ماندو مٺا ساهہ تو لئہ،
رکي سڪ اوهان جي پيو پاڻ ووڙي.

سدا نانءُ تنهنجو رهيو آ لبن تي،
وساريان نہ وسرين رکان خار توڙي.

ڪري ياد روئان ٿو مان هر دم،
خبر ناهي ڇو تون وئين ناتو ٽوڙي.

مٺا ”سيف“ تنهنجو سڏائي ٿو هر پل،
ملي وڃ تون ان سان ٻڏي هٿ ٿو جوڙي.

بيوفا کي باوفا سمجهان پيو،
دل شڪن کي دلربا سمجهان پيو.

تنهن ڪان مليا سور، صدما ۽ ستم،
جنهن کي جاني سر فدا سمجهان پيو.

راهہ الفت ۾ ويو جيڪو ڇڏي،
مان تہ انکي رهنما سمجهان پيو.

سنگدل ۽ خود نما محبوب کي،
مهربان ۽ هم نوا سمجهان پيو.

جنهن ڪري تنها ڇڏيو، ان کي اجا،
ابتدا ۽ انتها سمجهان پيو.

هي طبيعت "سيف" جنهن ناساز ڪئي،
مان وري تنهن کي دوا سمجهان پيو.

دوستيءَ سان زندگي پياري بہ آ نياري بہ آ،
ڪين ڇڏ تنهن جي پڇر واري بہ آ تاري بہ آ.

شهر بر ۾ جنهن جي خوشبو واءُ وانگر وئي وڌي،
دوستيءَ ۾ آ مگن هاري بہ آ ناري بہ آ.

دوستيءَ جو مرحلو ساري عمر هلندو سلو،
ڪير ٿو روڪي سگهي جاري بہ آ ساري بہ آ.

”سيف“ ڳولي ڏس پلي تون امن جي هٿ پيروي،
سڀ ڪان اعليٰ دوستي پاري بہ آ باري بہ آ.

**پيار جي شروعات ٿئي ٿي سونهن سان،**
**ان گهڙي ئي بات ٿئي ٿي سونهن سان.**

**حُسن جي خيرات پنندي دوستو،**
**محبتي ڪي مات ٿئي ٿي سونهن سان.**

**مون نہ ڄاتو هو پرين ڪو موت جئان،**
**دل مٿان سڪرات ٿئي ٿي سونهن سان.**

**ڪا گهڙي مونسان ملو مرڪي پئو،**
**رحم جي برسات ٿئي ٿي سونهن سان.**

**شاعريءَ ڪي آ بلندي جنهن ڏني،**
**”سيف“ جي هر ذات ٿئي ٿي سونهن سان.**

دل لڳيءَ کي تو نہ سمجهو آ پرين،
دوستيءَ کي تو نہ سمجهو آ پرين.

جنهن جي خاطر آ سڄي دنيا ٺهي،
آدميءَ کي تو نہ سمجهو آ پرين.

مرڪ تنهنجي سان وڌي جيون پوي،
زندگيءَ کي تو نہ سمجهو آ پرين.

عشق ۾ جو فيض حاصل ٿو ٿئي،
عاشقيءَ کي تو نہ سمجهو آ پرين.

”سيف“ سي گهوري ڏنو جنهن پيار ۾،
الفتيءَ کي تو نہ سمجهو آ پرين.

پيار ڪي پيارا پرين توري نہ ڏس،
دل ڪچي پترن جيئان پوري نہ ڏس.

چٽنگ باهيون هي الهانبا پيار جا،
دل ڏي ٿانڊا تون وري سوري نہ ڏس.

دل جو سودو دل سان ٿيندو آ پرين،
مال مايا تون ڪٽي گهوري نہ ڏس.

چپ رهڻ ئي ڪو نہ ٿا دل جا زخم،
ڳالهہ جذبن جي پرين چوري نہ ڏس.

پيار ڪان جي "سيف" پالهو آن تہ پوءِ،
خام خواهہ دل اچي جهوري نہ ڏس.

دل جي دنيا بهتر آ جي،
هر ڪا موسم خوشيون آڻي.

قولو الناس حسنا جو هي،
درس ڏنو آ ڏاڍي سياڻي.

تنهنجي موسان آهي ناهي،
الفت سهڻا رب تو ڄاڻي.

عشق جي راند تي ڊاهي ٺاهي،
يا تہ پيحائي ڪنهن کي گهاٽي.

قرب ڪرڻ ۾ دير ڇو لاتئہ،
سهڻا سائين هلي آ هاڻي.

”سيف“ سلامي پيار جا آهيون،
ڪو نہ جهڪون ٿا پئسي ناڻي.

زندگي جو هي سفر اولو ٻہ آسولو ٻہ آ،
مان ملان توسان مگر اولو ٻہ آسولو ٻہ آ.

خوبصورت لفظ جملا، آخري تحفو ٻہ هو،
ڪيئن پلايان سو پتر اولو ٻہ آسولو ٻہ آ.

ڪيترا گذري ويا تو سال ٿيا مون ڪان پري،
ياد هان ڪهڙي خبر اولو ٻہ آسولو ٻہ آ.

بيوسي جي چار ۾ قاتل رهي جو آدمي،
جي سڪائي ٿو پگهر اولو ٻہ آسولو ٻہ آ.

ياد تنهنجي ها مٽائي جي رهان مان دور ٿو،
ٿو گهٽي هر هڪ پهر اولو ٻہ آسولو ٻہ آ.

”سيف“ ساعت هي اٿئي جو پاڻ ئي تو سان مليا،
ساڻ آ لخت جگر اولو ٻہ آسولو ٻہ آ.

ڏاڍي پختي تار اسان جي،
هر پل تو لئہ سار اسان جي.

تنهنجي نظرن ۾ او سائين،
جيت بہ آ ء هار اسان جي.

قيمت تي وئي تنهنجي خاطر،
ماڪيءَ جي ڇڙ لار اسان جي.

مان بہ مري بس يار وڃان ها،
دل جي ٽئي ها ڏار اسان جي.

يادن ٻاري باهہ ڏني آ،
دل آ ڦارون ڦار اسان جي.

”سيف“ الائجي ڇا هي تو ۾،
تي نہ ڪڏهن ڪا وار اسان جي.

نينهن نڀائڻ سولو ناهي،
پاڻ وڃائڻ سولو ناهي.

عشق اوبلو آهه ڏنگيندو،
جان بچائڻ سولو ناهي.

ڪي ٿو. ڪان وڌ تنهنجون سوچون،
درد مٽائڻ سولو ناهي.

لهرون بنجي غم اچن ٿيون،
درد هٽائڻ سولو ناهي.

عشق جي آڳ ۾ جلندي جاني!
پاڻ سڃائڻ سولو ناهي.

اهڙو عشق لڳي ٿو سائين،
پيٽ ۾ پالڻ سولو ناهي.

نيڻ ته جهاتي پائي ڏسندين،
”سيف“ وسارڻ سولو ناهي.

توکي باغ بهارون ڳولن،
مونکي لڙڪ قطارون ڳولن.

توکي عيش عياشي ماڻهو،
مونکي سادا مارون ڳولن.

منهنجي من ۾ الفت آهي،
مونکي ڪنهن جون سارون ڳولن.

غربت عيب نہ آهي سائين،
مونکي پوءِ بہ ميارون ڳولن.

تنهنجا سارا ٺهڪ سريلا،
مونکي درد پچارون ڳولن.

ڪيستائين او بي قدرا! ؟
توکي نيڻ نهارون ڳولن.

توکي ڪنهن جي گهرج نہ ڪائي،
مونکي "سيف" پڪارون ڳولن.

ياد تنهنجي رڳو رهي آهي،
سا نہ تو ۾ پرين پتي آهي.

لڙڪ هاڻي پيو وهايان مان،
يار قسمت ائين ئهي آهي.

سنڌ ڪائي ويا ڏاريا ماڻهو،
ڪر يقين ڳالهہ هي سچي آهي.

جون وانگر جدائي ساڙي ٿي،
جند تنهنجي ڪيئن چٽي آهي.

”سيف مگسي“ رهان ٿو دور مگر،
ساهہ تو ۾ منهنجو سکي آهي.

محنت ۾ سر شار ڏسون ٿا،
پورهيت تو ۾ پيار ڏسون ٿا.

رئيس ڪان ڏاڍو ٿو هو سڏجي،
ڪاوڙ مان ڪمدار ڏسون ٿا.

جون ڊسمبر سال سڄو ئي،
تنهنجي لئہ آزار ڏسون ٿا.

ڪير دوا ڏي درد جي هن ڪي،
ورهن ڪان بيمار ڏسون ٿا.

سالن ڪان پوءِ مون ڪان تنهنجو،
وسريو ناهي پيار ڏسون ٿا.

چور چڙائي چئن رپين لئہ،
ڳوٺ ڏٺي پڳدار ڏسون ٿا.

پئسن تي جو خون ڪري ٿو،
اَلم جو وهنوار ڏسون ٿا.

سائين چوندي ”سيف“ ٿو جهڙڪي،
مرضي جو مختيار ڏسون ٿا.

رکيل آس ٽوڙي ائين ڪيئن هليو وئين،
مٺا منهڙو موڙي ائين ڪيئن هليو وئين.

ڪڏي راز دل جا ڪيم ڪوڙ ڳالهيون،
پري دل هي ووڙي ائين ڪيئن هليو وئين.

ملڻ جي نہ فرصت مٺا هاڻي ملندي،
ڇنئي هٿڙا جوڙي ائين ڪيئن هليو وئين.

رکي ناتو دل جو، ڪيئي پيار مونسان،
هتي خيال ڪوڙي ائين ڪيئن هليو وئين.

ڇڪيل "سيف" جو تون جگر هاڻ چيري،
قلم رت ۾ ٻوڙي ائين ڪيئن هليو وئين.

حسرتون هي ڪيئن رهنديون ڪامران ؟
قربتون هي ڪيئن رهنديون ڪامران ؟

ڪيل دنيا ڪي تو سمجهو آ پرين،
منزلون هي ڪيئن رهنديون ڪامران ؟

امن جو ڪونهي رهيو هت ڪو نشان،
زندگيون هي ڪيئن رهنديون ڪامران ؟

هن ۾ نہ الفت جو نہ ڪوئي ڍنگ آ،
محفلون هي ڪيئن رهنديون ڪامران ؟

دوستيءَ ۾ دل نہ ٿي دلگير جي،
ڪاوشون هي ڪيئن رهنديون ڪامران ؟

جي سچائي ڪين آ، تنهن سونهن ۾،
صحبتون هي ڪيئن رهنديون ڪامران ؟

هڪ رپئي جي جاءِ تي ٿا ڌهہ ڪپن،
برڪيون هي ڪيئن رهنديون ڪامران ؟

بي وفا ڪي مون وري ڪئي التجا،
محبتون هي ڪيئن رهنديون ڪامران ؟

جي عدالت ڪو نہ آ، ڪنهن مير ۾،
عظمتون هي ڪيئن رهنديون ڪامران ؟

”سيف“ هت جي پيار جي ڳولا ڪيون،
نفرتون هي ڪيئن رهنديون ڪامران ؟

ياد تنهنجي وري، پرجي آيون اکيون،
ڳالهه دل تي تري، پرجي آيون اکيون.

تنهنجو نالو لکي چاهه مان جو چميم،
پيا ها ڇپڙا ڳري، پرجي آيون اکيون.

هن ڪا حاصل ڪرڻ آهي سپنن جيان،
ٿي نه دل تون ڇري، پرجي آيون اکيون.

ياد توکي ڪري جي روئان عمر پر،
مان وڃان نا مري، پرجي آيون اکيون.

ڌار توکان رهي مان سگهان ئي نه ٿو،
”سيف“ ڪيئن پوءِ سري، پرجي آيون اکيون.

رئيس وڏيرو خان ٿو سڏجي،
هاري سوئي هاري آهي.

ڏاڍ جو نالو ڪيئن ٿو مٽجي،
ڪاري سا ئي ڪاري آهي.

نوڙي ڪي ڪو نانگ سڏي پل،
ماري ليڪن ماري آهي.

اغوا چاهين زور جي ميندي،
ناري سا ئي ناري آهي.

”سيف“ اسان جي دل ۾ ساڳئي،
پياري سا ئي پياري آهي.

صنم سور سختيون سهائڻ گهران ٿو،
اوهان سان هميشہ نڀائڻ گهران ٿو.

ڇيا جيڪي جملا تو الفت ۾ مون کي،
سڄي عمر سهڻا سا ڳائڻ گهران ٿو.

لڪي لوڪ ڪان مان اچي تنهنجي در تي،
اميدن جو گهرڙو اڏائڻ گهران ٿو.

ملڻ نيت ٿيندو، تنهنجو نام دل ۾،
رکي ورد جاني پچائڻ گهران ٿو.

ڏنا سور آهن زماني او سائين،
اچي تو اڳيان سي ٻڌائڻ گهران ٿو.

رضا "سيف" تنهنجي تقاضا آ منهنجي،
اچي پياڻ تو در اگهائڻ گهران ٿو.

هن ڪي ڇڏيو ساري ساري،
ويٺو ڇو آن يار وساري.

جيئڻ جيون ٿو سيڪاري،
هن جي ڪاوڙ روز ٿي ماري.

رشتا، ناتا، تعلق ٽوڙي،
هو ٻہ لڳو آ ڪنهن جي لاري.

محبت جي ڪا ڳالهہ نہ ڪائي،
روز ميارون مهڻا ڏاري.

ياد اوهان جي ”سيف“ اسان ڪي،
ڪا تہ اميد ڏئي ٿي جياري.

پيار تنهنجي بنا آهي جيون ٻسو،
مون آ سوچي ڏٺو مون آ لوچي ڏٺو.

تو سان گڏجي رهان ٿو، اچي مرڪ تي،
تون جي ناهين تہ جيون رڳو کوکلو.

سونهن تنهنجي تي ميلا جيئن ٿا لڳن،
چنڊ تي ناهہ ايڏو پرين ڇهڇٽو.

زهر ٿي هاڻي مونکي لڳي زندگي،
پاڻ کي تو جڏهن کان رکيو آ پڪو.

ڪو ٿو لفظن ۾ پئسن جي ورڪا ڪري،
مان تہ جيون هي بخشي ڇڏيو آ سچو.

ڳالهہ تنهنجي ڪندي "سيف" ٿڪجان نہ ٿو،
ياد سڀ کي پڙهي ٿو ٻڌايان قصو.

مان ٻاهر اندر جي ٺاريان ٿو،
جنهن وقت سڄڻ کي ساريان ٿو.

آڏيون چاڙهيون جو ٻ آ گهر ۾،
سو ٻ ته توتي واريان ٿو.

هيڏا سارا شهر ڇڏي مان،
پرت اوهان سان پاريان ٿو.

آڌي رات جو توکي ساري،
نير اکيان مان هاريان ٿو.

دل جا درد اڇي مان توسان،
وهم سمورا ماريان ٿو.

تنهنجون يادون "سيف" سلهاڙي،
باقي وقت گذاريان ٿو.

جڏهن ڀي اڪيلو ڇڏي ٿا وڃو،
غمن ۾ اسان کي گڏي ٿا وڃو.

اڃي ننڊ ڪهڙي، ٻڌي هيءَ خبر،
ڇڏي ڳوٺ پنهنجو، لڏي ٿا وڃو.

پرين جيڪي قاتل هئا پيار جا،
وري اڄ انهن جي تڏي ٿا وڃو.

نري ”سيف“ دلڙي تڏهن ٿي پرين،
جو محفل ۾ مونکي سڏي ٿا وڃو.

تنهنجا ٻول هنڍائڻ جهڙا،
خواب بہ تنهنجا ڳائڻ جهڙا.

ڪين ٿو وسرين تون بہ اسان کان،
سيني ساهہ سمائڻ جهڙا.

پنهنجي ٻاري ڪين هو سگهندا،
رشوت ويهي ڪائڻ جهڙا.

تنهنجو گفتو، سندر سهڻو،
توسان ڏينهن ملهائڻ جهڙا.

يار ڇڏي سي ڪينڪي ويندا،
پيچ پريت جا پائڻ جهڙا.

آءُ تہ دل جو درد هي ڪوليان،
سارا سور سٽائڻ جهڙا.

ماڻهو تنهنجي اڳيان پويان،
الفت روز وڌائڻ جهڙا.

تون نہ پري رک "سيف" اسانکي،
يار اسان هون پائڻ جهڙا.

هر ادا مون کي وڻي منٺار تان صدقي وڃان،
دلربا دلدار جي ڪردار تان صدقي وڃان.

ڪين ٿو وسري سگهي سر ساهه ۾ موجود آ،
روبرو آ هن جو چهرو يار تان صدقي وڃان.

منهن پسي محبوب جو ميٺجي ٿا سڀ غم وڃن،
ڇا پڌايان سونهن سر سرتار تان صدقي وڃان.

سور صدما ڪونه مليا، جي ملن تنهن يار کان،
مون قبولي هر جفا تنهن پار تان صدقي وڃان.

حسن جي جنهن ۾ ڪمي ڪا نه ڪئي آهي خدا،
خوبصورت، خوبرو گفتار تان صدقي وڃان.

جا عنايت هو ڪري، مون ڏي اچڻ جي دلربا،
”سيف“ تنهن جي هر قدم هر بار تان صدقي وڃان.

احسان جتائڻ جون تو روز ڪرين ڳالهيون،
تون پاڻ مڃائڻ جون تو روز ڪرين ڳالهيون.

مان تنهنجو تو سڏجان تون منهنجو تو سڏجين،
ڇو مونکي مٽائڻ جون تو روز ڪرين ڳالهيون.

ڪجهہ پاڻ بہ اڇبو آ، الزام نہ هٽبو آ،
تون يار گهرائڻ جون تو روز ڪرين ڳالهيون.

پوتار لڏي ويندين، هي ڳوٺ ڇڏي ويندين،
جو مونکي لڏائڻ جون تو روز ڪرين ڳالهيون.

رکي پرم مان الفت جو گڏ "سيف" رهي جيئندس،
ڇو مونکان لنوائڻ جون تو روز ڪرين ڳالهيون.

ڪوڙ نفرت دل منجهان نڪري وڃي،
مرڪندي شل زندگي گذري وڃي.

ڪو ڀهر زنده هتي انسان آ،
خير خوبي سان هلي نبري وڃي.

مون ڪان ڪنهن کي ڏک نہ ڪوئي پي رسي،
دوستن ڪان غم نہ ڪوئي رهجي وڃي.

نفرتن ڪان دور مان هر دم رهان،
پيار ۾ ساري عمر ڪٽجي وڃي.

”سيف“ سر گهوري ڏيان سڀ ڪنهن مٿان،
وير دل مان مارجي مٽجي وڃي.

اسان جون تہ ڳالهيون تون ڳائين نہ ڳائين،
اسان پنهنجو سهڻو مچيو توکي سائين.

وساري ڇڏياسين زماني سان رشتا،
رڳو تانگھہ تنهنجي تون پائين نہ پائين.

ادائون هي تنهنجون وڻيون خوب مونکي،
پلي پوءِ بہ ڪيڏو، ڪٺي تون ستائين.

مون کي ياد تنهنجي هميشہ ئي رهندي،
ڏئي پيار دل مان پرين جي پلائين.

سمندر ۾ اڇلي ڇڏيو عشق تنهنجي،
سڄڻ تنهنجي مرضي رلائين بچائين.

محبت ۾ ڪيڏو مان مجبور آهيان،
پرين قيد ۾ تون رکين يا ڇڏائين.

رکي "سيف" توسان آ الفت جي بازي،
صنم پيار منهنجو هارائين کٽائين.

محبت ۾ جيڪو بہ تمنار آهي،
اهو پنهنجي نيڻن سندو نار آهي.

ڪئي ڪنهن بہ ناهي نفرت انهي ڪان،
ڪبو جنهن بہ الفت جو اظهار آهي.

ٿيو حسن اخلاق پيدا آ جنهن ۾،
نہ ٿيندو سو تنها نہ بيڪار آهي.

ملي ملڪيت سان ٿي عزت جي ڪنهن کي،
مرڻ ڪان نہ پوءِ تنهن جو ويچار آهي.

محبت جو پيڪر سدا ”سيف“ رهہ تون،
انهيءَ ڪان نہ افضل ٻيو يار آهي.

خواب اهڙا ڪوڙ تا ڏسڻا پون،
قرب جا جنهن ۾ قصا پڙهڻا پون.

مثل پيارن روبرو ويهي ڀئي،
زندگي جا سور تا سلڻا پون.

پيار پنهنجي کي نڀائڻ ۾ اول،
سر سندا تا امتحان ڏيڻا پون.

انتظاري ۾ اکيون هر دم رهن،
سڪ منجهان تا سور سهڻا پون.

”سيف“ ٿيو هي قرب ۾ تنهنجو پرين،
وعدا تا دل سندا ڪرڻا پون.

❖ ❖ ❖

تنهنجي رسڻ سان جاني مليو عذاب آهي،
پرچي جي تون پوين ٿو دل گل گلاب آهي.

ڪيڏو نہ غم هجر جو، ماري ڇڏي ٿو منڙا!
تون جي ملين وڃين پوءِ مرڪڻ جواب ناهي.

ڇو ٿو ڏڪائين دل کي تو وٽ بہ دل تہ آهي،
گڏجي رهڻ ۾ ڪيڏو ملندو ثواب آهي.

تعريف آهي تنهنجي هر جاءِ دفترن ۾،
جنهن ۾ ملين نہ تون سو ڪهڙو ڪتاب آهي.

هي "سيف" آ ثناگر تنهنجي قدم قدم جو،
رکيو مٿي ۾ ڪيڏو مولا حساب آهي.

عاشقيءَ جو آ حصو هي زندگي،
دل لڳيءَ جو آ حصو هي زندگي.

ذهن کي آڏو رکي تڪبير چئو،
بندگيءَ جو آ حصو هي زندگي.

دلڪشيءَ ۾ موهجي مٽجي وڃي،
آرسيءَ جو آ حصو هي زندگي.

عاشقن کي عشق ۾ ڇريو نہ چؤ،
محبتيءَ جو آ حصو هي زندگي.

خير خيرا تون ڏئي ٽڪجي نہ ٿو،
دل سخيءَ جو آ حصو هي زندگي.

ناروا ناحق ڏسو ڪونڌر ڪسن،
بيوسيءَ جو آ حصو هي زندگي.

محب خاطر جو لکيو آ ”سيف“ تو،
ساڪويءَ جو آ حصو هي زندگي.

ڪميڻن کي ٻٽا پاڪر شريفن جي عزت ڪانهي،
اميرن کي کلي چاهن غريبن جي عزت ڪانهي.

پراون کي سڏي ٻير ۾ ويهارن ٿا گهڻا ماڻهو،
ڪڍي دل مان ڇڏيان پنهنجا عزيزن جي عزت ڪانهي.

خوشامد ۾ ڏين دعوت هتي ماڻهو اميرن کي،
سکل ماني ڪٿي ملندي يتيمن جي عزت ڪانهي.

ڪري لوفر لچائي ٿو اجان تنهن کي پڏائن ٿا،
بغاوت آهہ هيڻن جي حليفن جي عزت ڪانهي.

ملاوت "سيف" هر شئي ۾ مزو ساڳيو رهيو ناهي،
قدر ڪونهي وفائن جو ۽ هيرن جي عزت ڪانهي.

❖ ❖ ❖

دل چري ديدار ۾ سڀ ڪجھ اٿئي،
ها محبت پيار ۾ سڀ ڪجھ اٿئي.

جي گھرين ٿو واسطا تنهنجا وڌن،
پوءِ پلي ڪردار ۾ سڀ ڪجھ اٿئي.

پيار ۾ جي دشمنيون وڌنديون وڃن،
ان پرين تڪرار ۾ سڀ ڪجھ اٿئي.

جي سڌارڻ ٿو گھرين پنهنجا عمل،
پوءِ سچي گفتار ۾ سڀ ڪجھ اٿئي.

تون غريبي مان اميري ٿو گھرين،
دل سندي وهنوار ۾ سڀ ڪجھ اٿئي.

”سيف“ ڳوليندو نہ رهہ ٻيا دلربا،
پنهنجي ئي دلدار ۾ سڀ ڪجھ اٿئي.

انسان جي وحشت کان انسان ڏڄي ٿو،
اهڙو تہ عمل آهي جو حيوان ڏڄي ٿو.

هر روز فسادن جون سڻون ماڻهون سڻي ٿو،
الزام کان آجو شيطان ڏڄي ٿو.

آرامي ٿيان رات رهي ڪنهن جي در وڃي،
مجبور خدا آهيان مهمان ڏڄي ٿو.

نيڪيءَ جو گهري بدلو سو ڪو نہ ٿو ڪنهن کان،
قربان جي احسان کان فرمان ڏڄي ٿو.

زخمن جا ڪٽي سور سڻئين نيڻ مري ويو،
هي ”سيف“ ڪندي هن مٿان ارمان ڏڄي ٿو.

سڪ نہ ڪنهن سينگار جي،
مونکي ٻَڌَتي پيار جي.

اڄ چٽي آهي ملي،
محبتي منٺار جي.

پيار پنهنجي تي نظر،
پئجي وئي اغيار جي.

ياد جنهن کي ٿو ڪيان،
تنهن ۾ خوشبو سار جي.

سڪ ستايو ”سيف“ کي،
اڄ پرينءَ جي پار جي.

اڄ مهانگائي مٿي تي عرش سان، ڳالهيون ڪري،
زندگي هن سر زمين تي روز پئي سڏڪا ڀري.

احتجاجن ؟ ڪي وري پنهنجا گهرن ٿا حق مگر،
پر نہ آفيسر ادن جي، جونءَ ڪا ڪنهن دم ڇُري.

لک روپين جا ٿا ٿين توڏي ڪميشن سان خمون !
ڪيئن تون هاري ! وڏيري ڪان ويندين نڪري پري.

سال ٿيا اعلان ريڊيو، ٽي وي، اخبارن ۾ ڪن،
نوڪرين تان بين جلدي ڇاڻ ٿي اڄڪلهہ لهي.

پيار پيٽ خوراڪ سمجهان ٿو مگر، منهنجا پرين،
پيار ڪريان، پيٽ پاليان، ڇو تہ ڪجهہ گهر ٿو گهري.

روڄ راڙو هٽ ڏسي ٿا، روز جاڳن قلم سان،
روز اغوا، روز ڌاڙا، روز جيئري ڪو مري.

ڇا ڪيان ڪونهي ڪرايو، روز جو تو وٽ اچان،
مفلسي ماري وڌو آ، ورنہ ساعت ڪا سري.

گئس جي ناهي سهولت ”سيف“ ڪانئيون ٿيون ڪپن،
دال ڇاڙهي آ اسان، مڇ ڪانسواءِ ڪيئن ٿي ڳري.

بيوفا جي ياد ۾ جئندس اڃان،
پيار جي خيرات مان پنندس اڃان.

سور هن جا مونکي ماڪيءَ کان مٺا،
دل ۾ جايون ڏئي پرين سهندس اڃان.

قرب ۾ هن جو ملڻ وسري نٿو،
نينهن جو ناتو پڪو رکندس اڃان.

ماجرا مان درد جي دل ۾ رکي،
سا نہ هن کي روبرو چوندس اڃان.

بي رخي کي مرڪ سمجهي ”سيف“ مان،
ٿهڪ ڏيئي پاڪرين ملندس اڃان.

هيڪر ڀيهر هر هر ڏوڪا،
بال تہ ناهيان ڪيڏين چوڪا.

مان جي سادو فرش جو ماڻهو،
تون بہ تہ ناهين عرش جي ملڪا.

آئٽ، اوٽ ۽ پيار ڪي ڄاڻي،
يار ڀليا سين سيئي الڪا.

راز سلي سڀ پيار ۾ تو سان،
هاڻ ٿياسين هلڪا ڦُلڪا.

پيار جي عيوض "سيف" نہ ڏين ها،
درد، ميارون، آهون سڏڪا.

ڪنڊن ڪان ڇڄي ڏار پرين گل ٻہ ڇڻي ٿو،
پنهنجن سان ڪري پيار مونکي ڏاڍو وڻي ٿو.

تو راهہ ۾ آ يار ڇڏي، راند رچائي،
تنها رهي جيون جو سفر، موت ٻڻي ٿو.

مان مفت ڪيان يار ٿو، الفت جي ڪهاڻي،
تو چاهہ ڪپائين تہ ٻڌاءِ، يار گهٽي ٿو؟

تون ديس جو هوندي ٻہ، ڇو خاموش رهين ٿو؟
هجرت ڪو ڪري آيو، هتي ڄاڙ هٽي ٿو.

جيون جي سفر ۾ اهي، ٿورا نٿو لاهيان،
هو قرب مان جي ”سيف“ قدم مونڏي ڪٽي ٿو.

ساهہ آهي چاهہ ناهي آن مُئل،
پٽِ ڪان تنهنجو نشانو ڇڻ ڳُٺل.

پيار دنيا دين جو آهي ثمر،
پيار ڪي ڏيئي پئي ٿي نہ ويل.

تون منٽيءَ ڪي ڪين ڏس شيطان جئان،
روح رب جو تنهن اندر آهي پيل.

حال تنهنجي تي رهان حيران ٿو،
مسڪرائي ٿو ڏسين اڪيون پنل.

چنڊ چوڏهن ٽا لڳن جي چاهہ ۾،
پيار مان ٿئي ٻن منجهان ميلو متل.

فرش جو ماڻهو ڇئي پلجي نہ پئو،
تار هن جي عرش واري سان ڳنڍيل.

صحن تنهنجي ڪان نہ نڪري مان ويس،
ها پڪيءَ جئان منهنجا پيي پرڙا ڪُٽل.

پيار تورڻ جي نہ آهي شيءِ پرين،
”سيف“ مان ڪيڏي ٻڌايان دل لڳل.

ڇمڻ تي نہ خوش تون مرڻ جو نہ غم،
زمانا اسان جي ايندين ڪهڙي ڪم.

ڪئي امن لئي جن بہ پرچار هئي،
انهن کي صلي ۾ هٽايا تو بم.

پرڻ پيٽ پنهنجي ڪان واعظ ڪرين،
ڏنئي ڪيڏي غربت لاٿئي پوءِ بہ چم.

وڏو پاءُ سڏجين جي پنجاب تو،
پهريون حق نندن کي نہ ڇڏ پهلي هم.

سهڻ جي نہ طاقت رهي "سيف" آ،
ڪيو بند هاڻي سيئي هي ستم.

# وايون

دل جو درد وڌي ويو،
پنهنجي مڇتا ڪاڻ.
شاعري سر جيان نٿو !

پئسي تي پٽڪو لهي،
تنهنجي لئي اڳواڻ.
شاعري سر جيان نٿو !

حسن تي حيران ا،
پنهنجو پرين ڏس پاڻ.
شاعري سر جيان نٿو !

غربت تي سمهجي متان،
قاتل آ پهراڻ.
شاعري سر جيان نٿو !

ڳوڙها ٿا وهي هلن،
هاٽي تنهنجي ڪاڻ.
شاعري سر جيان نٿو !

جنهن لاءِ "سيف" سڪان ٿو،
مولا تنهن کي آڻ.
شاعري سر جيان نٿو !
تون جي ائين سامهون،
زندگي پياري لڳي.
ساهه نه ماپيو ساهه ۾ !

نيڻ نيڻن سان مليل،
سا گهڙي پياري لڳي.
ساهه نه ماپيو ساهه ۾ !

عشق تو سان تون مٺا،
عاشقي پياري لڳي.
ساهه نه ماپيو ساهه ۾ !

سڀ ڦيرائين دي مگر،
دوستي پياري لڳي.
ساهه نه ماپيو ساهه ۾ !

تون ڪلين ۾ مان روئان،
بيوسي پياري لڳي.
ساهه نه ماپيو ساهه ۾ !

مون گھري تو لئہ دعا،
بندگي پياري لڳي.
ساھہ نہ ماپيو ساھہ ۾ !
ھيٺو ٿيو آ حال،
اميدون ڪٿن ٿي نہ ٿيون !

الفت پاڙ ڦرائيو،
نفرت ميڙيو مال.
اميدون ڪٿن ٿي نہ ٿيون !

جون ۾ پورھيو ڪندي،
ھاريءَ جو ڏس حال.
اميدون ڪٿن ٿي نہ ٿيون !

ساري رات سوچن ۾،
ماٺھن چوڙيا مال.
اميدون ڪٿن ٿي نہ ٿيون !

موت بہ چرڪي ٿو پوي،
ھيءُ ٻڌي احوال.
اميدون ڪٿن ٿي نہ ٿيون !

تنھنجي سڪ سرير ۾،
”سيف“ گذريا سال.

## اميدون ڪٽن ٿي نہ ٽيون !

راتڻ پاڪر پري،
ڏاڍو روئي پيم.
خواب تنهنجا ڏسي،

تنهنجا هٿڙا جهلي،
نيڻ پنهنجا رکيم.
خواب تنهنجا ڏسي،

ڪو بہ ساٿي نہ آ،
يار توکي چيم.
خواب تنهنجا ڏسي،

”سيف“ چا ٿي ويو،
لڙڪ پنهنجا اگهيم،
خواب تنهنجا ڏسي.

اڻپورو عنوان،
الفت سواءِ آدمي!

ڪيڏو وڇڙي تو ڪري،
ماڻهو پيو نقصان.
الفت سواءِ آدمي!

خالي ڪيئن سڏي ڇوانءِ،
منهنجو ٿيءُ مهمان.
الفت سواءِ آدمي!

الفت ۾ ناهي توڪي،
قدرت ٿي حيران.
الفت سواءِ آدمي!

چاهت ناهي ”سيف“ ۾،
باقي آ حيوان.
الفت سواءِ آدمي!

حسرتون رهجي ويون،
پيار آ باقي بچيو !

آئيني جيان دنز ۾،
زندگيون مٽجي ويون.
پيار آ باقي بچيو !

گڏ گهاريل ڪي گهڙيون،
خواب ٿي اڏريون ويون.
پيار آ باقي بچيو !

توکي پنهنجو من ڪيو،
نفرتون نڪري ويون.
پيار آ باقي بچيو !

ڪنهن گهٽايو ڪين ڪي،
ڪوششون رلجي ويون.
پيار آ باقي بچيو !

پيچ دل جا ها مگر،
محفلون مٽجي ويون.
پيار آ باقي بچيو !

ڪالهہ ها جي رهنما،
عظمتون ڪٽجي ويون.
پيار آ باقي بچيو !

جنهن جواني ناز هو،
خاڪ ٿي اڏري ويون.
پيار آ باقي بچيو !

دوستيءَ جي آڙ ۾،
جانيون لٽجي ويون.
پيار آ باقي بچيو !

”سيف“ جي تصوير ۾،
صورتون ڀلجي ويون.
پيار آ باقي بچيو !

پيشنٽ بستر جي مٿان،
سڏڪي پيو هاءِ،
ميڊيسن مهانگي ٿي وئي!

هاڻي هل اتي ٻچا،
ڳوٺ ڪٽي ڀڇاءِ،
ميڊيسن مهانگي ٿي وئي!

سڪيو ڪيئن سمهي رهان،
بيماريءَ جي باھ،
ميڊيسن مهانگي ٿي وئي!

مهنگي دوا مست آ،
ڇيو ڊاڪٽر گهراءِ،
ميڊيسن مهانگي ٿي وئي!

مينهن اٿئي جا در تي،
پائو سا بہ ڪپاءِ،
ميڊيسن مهانگي ٿي وئي!

خالي سمهي ڇا ڪندين،
مرڪيو وارڊ ٻواءِ،
ميڊيسن مهانگي ٿي وئي!

مولا مريضن جي مٿان،
پنهنجي مهر وساءِ،
ميڊيسن مهانگي ٿي وئي!

”سيف“ اٿي ڪر تون بلو،
ڪنهن جي جيون لاءِ،
ميڊيسن مهانگي ٿي وئي!

****

پنهنجي خواهشن جي پويان،
ويچارو انسان،
ڪيڏا ڪيس ڪري پيو !

گهر جي مالڪ کي ڳُهي،
واتهڙو مهمان،
ڪيڏا ڪيس ڪري پيو !

ياد اوهان جيءَ ۾ لڳي،
شهر سڄو سنسان،
ڪيڏا ڪيس ڪري پيو !

پيش امام مسيت ۾،
وڃائي ايمان،
ڪيڏا ڪيس ڪري پيو !

پيار بہ آتت آ ڪتي،
ساڳيو ئي عنوان،
ڪيڏا ڪيس ڪري پيو !

توسان ڪو نہ ملي سگهيو،
اندر ۾ ارمان،

ڪيڏا ڪيس ڪري پيو !

الفت ڪي لائي ٽِڪو،
ماڻهو سو نادان،
ڪيڏا ڪيس ڪري پيو !

گوسهڙو استاد تي،
ٿيندو هان حيران،
ڪيڏا ڪيس ڪري پيو !

غير ڪي پر ۾ تو ڪري،
مونکي ڏئي نقصان،
ڪيڏا ڪيس ڪري پيو !

”سيف“ رسي پرچي پوڻ،
تنهنجو هي احسان،
ڪيڏا ڪيس ڪري پيو !

هاڻي جلدي آءُ،

اسان تنهنجي آسري !

تو مان ساري لوڪ کان،
ايندو وِڌ آ ساءُ،
اسان تنهنجي آسري!

پليان ڪيئن آسرو،
توسان ايڏو چاهه،
اسان تنهنجي آسري!

وڪري ”سيف“ متان وڃان،
اهڙو گهليو واءُ،
اسان تنهنجي آسري!

****

بيوس بادل کي،
دل جي زخمن جي،
روئي دانهن ڏنم !

رت ۾ لال ڏسي،
قتيل جسمن جي،
روئي دانهن ڏنم !

ڪوئي وس نہ هليو،
پنهنجي جذبن جي،
روئي دانهن ڏنم !

بي درد هوائن کي،
پوکيل فصلن جي،
روئي دانهن ڏنم !

جي راهن ۾ گل ها،
هاڻي ڪنڊن جي،
روئي دانهن ڏنم !

نڪري ڪيئن سگهان،
پنهنجي رسمن جي،
روئي دانهن ڏنم !

ڪيڏا ها ڪوئرا،
هاٺي پٽرن جي،
روئي دانهن ڏنم !

توکي ”سيف“ سڏي،
منڙن ماڻهن جي،
روئي دانهن ڏنم !

❊❊❊❊

توکي ساري پيار مان،
رات ٻه روئي مون ڏنو !

ڪاما، پڇرا ٿو سڪان،
گل ٻوٽي مان پن ڇڻيو،
رات ٻه روئي مون ڏنو !

هند ويهاڻا ۽ ڪٿون،
سارو جيون آ پنو،
رات ٻه روئي مون ڏنو !

ماڻهو هي سڀ تو وڻيا،
”سيف“ ئي هڪڙو هو ڪنو،
رات ٻه روئي مون ڏنو !

❊❊❊❊

ڪِلَ سوز خوشي پيارا،
سڀ رنگ ئي ٿا مهڪن،
تنهنجي ٽهڪن ۾ !

هي شهر گهٽيون رستا،
جهر جهنگ ئي ٿا مهڪن،
تنهنجي ٽهڪن ۾ !

ڪٿ موج ماڻهو مستي،
ڪٿ تنگ ئي ٿا مهڪن،
تنهنجي ٽهڪن ۾ !

ها ”سيف“ تنهنجا آرا،
سڀ ڍنگ ئي ٿا مهڪن،
تنهنجي ٽهڪن ۾ !

اڄ پرين انتظار ۾،
ويٺڙا دڙپ ڄمي.

تو جيان ناري ڪا ملي،
تنهن ڪي اڄ نهاري،
ويٺڙا دڙپ ڄمي.

تنهنجي ٻانهن ۾ اچي،
مون ڪي تنهنجي پيار ۾،
ويٺڙا دڙپ ڄمي.

ديس ڇڏي پنهنجو پرين،
يار اوهان جي پار ۾،
ويٺڙا دڙپ ڄمي.

”سيف“ انڌاري رات جو،
سهڻا تنهنجي سار ۾،
ويٺڙا دڙپ ڄمي.

ڪارايم تہ خان چپائين،
هٿ جهليم تڪراري،
توبهہ زاري، توبهہ زاري.

ماڻهو هاڻي ماس گهرن ٿا،
ناهہ رِهي ڪا ياري،
توبهہ زاري، توبهہ زاري.

انڌن جا ويا پئسا ڪائي،
تر جا يار مڪاري،
توبهہ زاري، توبهہ زاري.

تنهنجي وئي ڪان پوءِ پيارا،
کهڙي آهي بهاري،
توبهہ زاري، توبهہ زاري.

تون تہ سکن ۾ آهين وڏيرا،
لوڙن پيا ٿا هاري،

توبهہ زاري، توبهہ زاري.

هن سان ڪهڙي هُجَ هلان مان،
برهہ وڏو آ باري،
توبهہ زاري، توبهہ زاري.

”سيف“ سڪي ٿو جنهن ڪي ساريان،
دل جو آهي اُڄاري،
توبهہ زاري، توبهہ زاري.

****

# نـظـم

# زميني داري جيل

روئي ويٺو هاري ڇپائين تہ ويل آ،
نظر بند آهيان زمينداري جيل آ.

اٿي صبح صادق وهان ٿو مان بيگر،
تتي ويل تڙپان رهان ٿو مان بي گهر.
ڏيان جي نہ ڊيوٽي وڃن ڀارا ڪسجي!
چون تو ۾ ساڳيو طريقو نہ ڻ هيل آ !!
روئي ويٺو هاري ڇپائين تہ ويل آ!

ڏاڍو تنگ ڪمدار، منشي بہ ڪن ٿا،
وڏيري کان زياده تپي هي وڃن ٿا،
هجي شل نہ نياڻي ڀني تي اسان سان،
پيا پوءِ رندا ڪڪڙ جي ڪاميل آ !!
روئي ويٺو هاري ڇپائين تہ ويل آ.

آهي ساهہ باقي اسان جي اندر ۾،
ڏيون دانهن ڪنهن کي مسجد مندر ۾،
ڏسين تون تہ سڀ ڪجهہ ٿو منهنجا خدايا!

منهنجي لاءِ آنڌي نہ ڪائي سويل آ ! !
روئي ويٺو هاري چيائين تہ ويل آ.

سال وسال قرضي رهان ٿو خدايا!
وٺان ڪجهہ نہ ٿو مان ڏيان ٿو خدايا!
اڃي ڏاڙهي ٿي وئي پين لئي ڪمايان!
سڄائيءَ خاطر لڳل مونکي نيل آ ! !
روئي ويٺو هاري چيائين تہ ويل آ.

اٿئي دانهن منهنجي رب کي وڏيرا!
رهان صبر سان ٿو هو مٽيندو ميرا،
مونکي "سيف" محنت جو ڏيندو هو ڦل،
اڃان ٿو سهان مان گهڙي ڪن جو کيل آ ! !
روئي ويٺو هاري چيائين تہ ويل آ،
نظر بند آهيان زميندار جيل آ.

❊❊❊❊

مار اڳيان معمار ڏٺم،
هوٽل تي هڪ ڀار ڏٺم.

نيڻ کڻي آڪاش تڪيو،
دنيا مان بيزار ڏٺم.

ڇڪر هئي هر پاسي کان ئي،
ڏاڍ منجهان ڌڪار ڏٺم.

ڪنهن نہ پڪاريون پيار منجهان،
ظالم هي سنسار ڏٺم.

گهر کان ماني آندي هئين،
گرهہ ڇپيندي چار ڏٺم.

قاتل ڪپڙا پير ننگا،
اٽيا وڪريل وار ڏٺم.

ڪير انهن کي ”سيف“ چئي،
مرضيءَ جا مختار ڏٺم.

مار اڳيان معمار ڏٺم،

هوٽل تي هڪ ٻار ڏٺم.
ڪو جهول ٿو دنيا جي هاري،
ڪو پئسي لئي ٿو ٻاڪاري.

ڪو جيون سان ٿو پيار ڪري،
ڪو پاڻ کي پاڻ ئي ٿو ماري.

ڪو نياز ۽ نوڙت ٻانهپ ۾،
ڪو ڏيگ وڏي ٿو ير ڏاري.

ڪو جيون ڪنهن کي ارپي ٿو،
ڪو ڪنڊن سان ٿو ڪيڪاري.

ڪو نفرت ڪنهن کان خوف ڪري،
ڪو ناڻۀ وٺي ٿو دل ٺاري.

ڪو تنها تنها آواره،
ڪو پل ٻہ نہ ريءَ ڪو ڪنهن گهاري.

ڪو ڪنهن جي ٻيڙي ٿو ٻوڙي،
ڪو ساحل ٻنجي ٿو تاري.

ڪو ايسين بنگلن ڪارڻ ۾،
ڪو ننڍڙ اس ۾ ڏڻ چاري.

ڪو ڪنهن جي ڪاڻ ٿو ڪين ڪڍي،
ڪو پاڻ لڳي ٿو ڪنهن لاري.

ڪو پنهنجي حق تي قابض آ،
ڪو ڪنهن جي وادي ٿو واري.

ڪو ڪل مڪ ماڻهو گذري ٿو،
ڪو ساڙ سڙيو ٿو دل ڏاري.

ڪو نازڪ ناتا ٿو جوڙي،
ڪو ٺهيل بہ جوڙي ٿو ڪاري.

ڪو ٺهڪ وڏائي خوش گهاري،
ڪو روئي رڙي ٿو دل ڳاري.

ڪو ”سيف“ ڪي دل مان ٿو پڪاري،
ڪو ”سيف“ ئي ”سيف“ ٿو پيو ساري.

❊❊❊❊

## نئون سال

ڇڏي هوڏ هستي، رياضت ڪماءِ،
نئون سال آيو، نئين وک وڌاءِ.

سدا پيار الفت مٿا تون سماءِ،
قدم قرب وارو نہ هرگز هٽاءِ،
پراون کي پنهنجو ڪلي تون بڻاءِ،
ڇڱو ٿي ڇڱن ڪان بہ بازي ڪٽاءِ،
نئون سال آيو، نئين وک وڌاءِ.

تون تاريخ ۾ پنهنجو نالو لکاءِ،
ڪري خوب محنت هي غربت مٽاءِ،
اجايو ٻين سان ملڻ تون گهٽاءِ،
ڦٽل پاڳ پنهنجو تون واپس وراءِ،
نئون سال آيو، نئين وک وڌاءِ.

تون صابر تون شاعر ۽ مهمير ٿيءُ،
تون شافي تون ڪافي ۽ اڪسير ٿيءُ،
تون غازي تون رهبر ۽ شمير ٿيءُ،
اٿي ديس دلبر هي پنهنجو بچاءِ،
نئون سال آيو، نئين وک وڌاءِ.

ڪٿي وهم مونکان بہ رهجي ويو،
جي سنگت ۾ توکان ڪو ڀُلجي ويو،
ڇڏي توکي ڀي سان هو رَلجي ويو،
اهي طعنا، ٽُنڪا سڀئي تون ڀلاءِ،
نئون سال آيو، نئين وک وڌاءِ.

هُتي قوم ڪشمير گهٽجي پئي،
نياڻين جي عزت ڀي لٽجي پئي،
هامسلم جي عظمت ڀي مٽجي پئي،
وري جوش حيدر اي غازي جڳاءِ،
نئون سال آيو، نئين وک وڌاءِ.

وڏائي ڪي همراز ڪڍندو نہ ڪر،
هميشہ مان افضل ، تون چوندو نہ ڪر،
گلا ڪي ڪنن سان ٻڌندو نہ ڪر،
سدا "سيف" هيٺو نماڻو سڏاءِ،
نئون سال آيو، نئين وک وڌاءِ.

****

# چوسٽو

ڳالهہ پنهنجي تي اڃان ويساھہ آ،
ها پرين تنهنجو اسان سان چاھہ آ،
ڏار جي آهي جسم ڇا ٿي پيو،
ساھہ تنهنجي سان ڳيل هي ساھہ آ.

ٻاهران ويندي اسان کان ٿي رسين،
پاڻ سي ٿي بيوفا مونکي سڏين،
هونءَ تہ پڇندي آن سڀن کان ”سيف“ جو،
روبرو ڇو راز ۾ سڀ ڪجھہ رکين.

ملي ٿي جا آتت مونکي شاعريءَ مان،
مٽي مائٽي ڇا نہ ئي ڀائريءَ مان،
لڪائي زماني ڇڏيون جيڪي ڳالهيون،
مگر ”سيف“ مونکي مليون ظاهريءَ مان.

اسان کي اوهان صرف ڇاهي ڇڏيو،
پلي پوءِ لتاڙي ۽ ڊاهي ڇڏيو،
محبت جي ڪرسي رکي ”سيف“ پر،
گهڙي پل ويهاري ۽ لاهي ڇڏيو.

ڏڙڪان سسيون ڏار ڪري ڏس،
ڪاٽ ڪهاڙا وار ڪري ڏس،
سنڌي ماڻهو سنڌ ماٽيندا،
ظلم و ستم تڪرار ڪري ڏس.

سنڌ تنهنجي شان ۾ تو گيت ڳايان پيار جا،
ڪوڙ ڪي مان ڌوڙ پائي سچ جي اظهار جا،
ٿل ۽ ڪالاباغ جي اعلان تي،
روز لعنت ٿڪ بجا انڪار جا.

سڏڪن ۾ ڪو ساري ويٺو،
ڪنهن جي راهہ نهاري ويٺو،
بند ڪري سڀ نينهن جا رشتا،
نفرت ڪي هو واري ويٺو.

ٻري ٻري بس جيئون پيا،
مري مري بس جيئون پيا،
ساڻ جو سيني آ چڙيو،
تري تري بس جيئون پيا.

نينهن لڳائي پوءِ نہ هٽجي،

مڙس ماڻهون ٿي منهن نہ مڃي،
ڪيڏا صدما "سيف" سهي پر،
قرب جو ناتو مور نہ ڪٽجي.

تو لئہ من مشتاق جو آهي،
تنهن لئہ تو سان چاهہ رهي ٿو،
پل نہ پري ٿي "سيف" اسان کان،
تو ۾ پنهنجو ساهہ رهي ٿو.

يار هلي آءُ هار مڃون ٿا،
نفرت تنهنجي پيار مڃون ٿا،
تنهنجو نخرو نانا نهڪر،
الفت ۾ اقرار مڃون ٿا.

محبت ۾ معراج ٿا ماڻيون،
سونو چِٽ ۽ تاج ٿا ماڻيون،
ڪين ٿي ماڻي ڪنواري ڇوري،
الفت ۾ جو ڏاج ٿا ماڻيو.

اداس دلڙي امن جي خاطر،
سورن ۾ جندڙي چمن جي خاطر،

ياد اچڻ سان روئي پئون ٿا،
بعيد ماضي غمن جي خاطر.

تو سان جيڪو ويلو گذريو،
منهنجي لاءِ سو ميلو گذريو،
ورهن کان اڳ ڪال ڪئي تو،
اڄ بہ ٻڌڻ ۾ هيلو گذريو.

جيون قاتل زهر ڪرين ٿو،
ماڻهن سان ڇو قهر ڪرين ٿو،
سالن کان ڪو جيون اپري،
گولي سان سو پهر ڪرين ٿو.

ياري مان هٿ ڪٽڻو پوندو،
تنها هاڻي رهڻو پوندو،
ڇا جا آهن رنج رساما،
جيڪي ڏيو سڀ سهڻو پوندو.

پيار ۾ ماڻيو اسان آ قيد خاني جو مزو،
عشق ۾ الجهي وياسين ڇا زماني جو مزو،
روز ڏنڙا تا ملن مونکي مٺي محبوب کان،

هر ستم مرڪي سهان ٿو ڇا ڀهاني جو مزو.

اسان سڀ سان مرڪي ملڻ ڪي ٿا چاهيون،
گدا شاهہ سان ڀي ڳنڍڻ ڪي ٿا چاهيون،
پنو پين ڪيسي ۾ هر دم رکون ٿا،
رڳو پيار الفت لکڻ ڪي ٿا چاهيون.

زندگي آ مسئلو ۽ زندگي آ پرجهلو،
ڪير ٿو ناهي سگهي هي قسمتن جو سلسلو،
مختصر آ زندگي گذري وئي ڪجهہ گذرندي،
نفرتن ڪي "سيف" ڪچلي محبتن سان پيا ملو.

ڪيئن ٿو گذري سال ڏسي وڃ،
تو بن ڪهڙو حال ڏسي وڃ،
دل ۾ آهي ياد اوهان جي،
ڪونهي ڪوئي خال ڏسي وڃ.

توريءَ ڪهڙي عيد او سائين،
عيد بہ آ ڇڻ گيد او سائين،
"سيف" اچڻ ۾ دير نہ لائج،
راهن ۾ آ ديد او سائين.

ٿر بر تنهنجو نالُ ٻڌون ٿا،
گهر گهر تنهنجو نالُ ٻڌون ٿا،
تو کي ساري نيڪ ٿو سڏجي،
برتر تنهنجو نالُ ٻڌون ٿا.

نفرت جي نگر ۾ پرين مرڪڻ کي ڇڏي ڏي،
احساس ماڻهن مان ويو سوچڻ کي ڇڏي ڏي،
گلڙن جي جاءِ تي هو ڪنڊا رکي ويا،
هاري اکين مان ڳوڙها روئڻ کي ڇڏي ڏي.

مفلسي ايندي اسان کان مائٽيون ڇڏيون،
سير ۾ پنهنجون اميدون يار سڀ لوڙهي ڇڏيون،
ڇو وڃون در ”سيف“ ڪنهنجي سڀ کي ڏيندو آ خدا،
پل پلائي ٿا ڪيون منهن کهڙو موڙي ڇڏيون.